# موديءَ جو جنگي جُنون




ڀارت جي انتهاپسند وزيراعظم نريندر موديءَ ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر جنگي جُنون کي اُڀار ڏنو آهي. 22 اپريل تي والاريل ڪشمير جي پهلگام ۾ ٿيل واقعي، جنهن ۾ 26 ماڻهو مارجي ويا هئا، کانپوءِ موديءَ جتي ٻيا جنگي جنونيت وارا قدم کنيا آهن، اُتي ان پاڪستان سان 1960ع وارو سنڌو طاس معاهدو به هڪ طرفو ختم ڪري ڇڏيو آهي، ۽ جنگي تيارين ۾ رڌل آهي.

پاڪستان تي پهلگام واري واقعي جو الزام هڻي هو دنيا کي ٻڌائي رهيو آهي ته، دهشتگرديءَ جي واقعن ۾ پاڪستان ملوث آهي، جڏهن ته ان واقعي بعد پاڪستان بار بار چئي رهيو آهي ته پاڪستان ان واقعي ۾ ملوث ناهي، پر خود ڀارت اُن واقعي ۾ ملوث آهي، جنهن جا پاڪستان وٽ ثبوت آهن. اُن سان گڏ پاڪستان عالمي سطح تي ان واقعي جي غيرجانبداراڻي جاچ جو به مطالبو ڪري رهيو آهي.

پاڪستان اهو به واضح ڪيو آهي ته، جيڪڏهن پاڪستان تي حملو ڪيو ويو ته ان جو سخت جواب ڏنو ويندو.

ٻئي طرف، ٻنهي ملڪن ۾ جنگي ماحول جي نهڻ سان عالمي ڌريون پڻ تحرڪ ۾ آيون آهن، ۽ آمريڪا ٻنهي ملڪن کي چيو آهي ته اهي مُڙي وڃن. پاڪستان ته مُڙي سگهي ٿو، پر ڀارت تي جنگ جو هڪ جنون سوار آهي، ۽ اهو اُن ڪاسائيءَ تي سوار آهي، جنهن کي ”گجرات جو ٻُچر“ چيو ويندو آهي.

ڀارت کي ياد رکڻ گهرجي ته هيءَ عام رواجي جنگ نه هوندي. نه هيءَ 1965ع واري ٽينڪن واري جنگ هوندي، نه 1971ع واري جنگ هوندي، نه ئي هيءَ 1999ع واري ڪارگل واري جنگ هوندي، پر هيءَ 2025ع واري جديد دور جي جنگ هوندي، جيڪا ”ائٽمي طاقت رکندڙ“ ملڪ_ پاڪستان سان هو وڙهندو ته، سندس وڏو نقصان ٿيندو. مودي کي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته، جيڪڏهن اهو آمريڪا کان هٿيار وٺندو ته، چين پڻ پاڪستان جي ڀرپور مدد ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن هو پاڪستان جو نقصان ڪندو، ته پاڻ

### امن گهرجي



به بچي نه سگهندو.

دنيا جون امن پسند قومون چاهين ٿيون ته پاڪستان ۽ ڀارت جا لاڳاپا نارمل ٿين ته جيئن ٻنهي ملڪن جو غريب عوام معاشي مسئلن مان آجو ٿي سک جو ساهه کڻي سگهي. دنيا اڳ ۾ ئي عالمي معيشتي بحران جو شڪار آهي. وچ اوڀر مڪمل طور تي تباهه ٿيل آهي. روس ۽ يوڪرين جي جنگ هلي رهي آهي، ايران ۽ آمريڪا جا لاڳاپا خطرناڪ حد کي پهتل آهن، شام ۾ گهرو ويڙهه آهي ۽ جيڪڏهن ڏکڻ ايشيا ۾ ڀارت اڳرائي ڪري پاڪستان تي حملو ڪيو ته، هڪ اهڙي جنگ شروع ٿي ويندي، جيڪا هڪ وڏي نقصان تي ختم ٿيندي.

تنهن ڪري انتهاپسند بي جي پي جو سربراهه مودي باز اچي، پاڪستان سان نارمل لاڳاپا قائم ڪري ۽ جنگي جنون کان پاسو ڪري. ■ *ڪريم الدين ڪوسو*

## شام ملڪ جي خراب ٿيندڙ صورتحال مان اسرائيل فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪڻ لڳو

# شام ۾ مختلف گروپن جي ويڙهه: دروز اقليت جو اسرائيل حامي

**سياسي مبصرن جو چوڻ آهي ته، ملڪ اندر هن وقت فرقيوارائي چڪتاڻ وڌي رهي آهي ۽ پرڏيهي مداخلت خاص ڪري اسرائيلي دخل اندازي وڌي پئي، انڪري صورتحال حساس ٿي وئي آهي. دروز اقليت پنهنجي تحفظ ۽ خودمختياريءَ جي فڪر ۾ آهي. حڪومت جي ڪوشش آهي ته اها مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪري وٺي. هينئر سڀ ڪان وڏيڪ اهم معاملو اسرائيلي مداخلت آهي.**


تصوير گڏيل قومن جي اداري جي ٿورن سان

الهه بخش راٺوڙ

اهو ڊسمبر 2024 جو ڏينهن هئو، جڏهن شام ۾ وڏو ڌماڪو ٿيو ۽ بشار الاسد جي 23 سالن جي حڪومت ويڙهاڪن هٿان شڪست ڪائي وئي. ملڪ جو صدر ڪجهه ڪلاڪن تائين غائب رهڻ ڪانپوءِ روس مان ظاهر ٿيو. هن پنهنجي ڪٽنب سميت ماسڪو ۾ سياسي پناهه ورتي. روس، جيڪو اڳ ۾ به بشارالاسد ڪي ڪيترائي ڀيرا بچائي چڪو هو، هن ڀيري ان به هن مان هٿ ڪڍي ڇڏيا. ڇاڪاڻ ته روس، يوڪرين ڪانپوءِ هڪ ٻئي جنگ ڪي جاري رکڻ جي پوزيشن ۾ نه هو. ترڪي، جيڪو علائقي جو اهم سياسي ڪيڏاري آهي، ان جي مدد سان شامي صدر ڪي مات ڏني وئي، پر هن جي جاءِ تي جن ڌرين اقتدار سنڀاليو، اهي نه صرف ويڙهاڪن سان جڙيل رهيون، پر اهي دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ به ويڙهه ۾ حصو وٺي چڪا هئا.

بشار الاسد جي حڪومت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ هيل تائين 16 سئو ڪان وڌيڪ ماڻهو مارجي چڪا آهن. انهن ۾ وڏو قتل عام بشار الاسد جي اقتدار ڪان الڳ ٿيڻ وقت ٿيو، جنهن ۾ هڪ هزار شهري ماريا ويا. هاڻ توڙي جو بشارالاسد جا حامي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهن، پر اهي صورتحال ڪي خراب ڪري سگهن ٿا. هينئر ملڪ ڪي هڪ طرف اسرائيل ڪان وڏو خطرو آهي، ته ٻئي پاسي فرقيواريت به منهن ڪڍيو آهي، جيڪا هن وقت تائين ڪجهه سئو ماڻهن جون حياتيون ڳڙڪائي چڪي آهي. دروز، جيڪي تعداد جي لحاظ وڏي اقليت ناهن، پر انهن ڪي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اسرائيل به تازوئي حملو ڪيو ۽ بهانو اهو پيش ڪيو ته ان دروز اقليتي آبادي ڪي بچائڻ لاءِ ائين ڪيو. پر دروز آبادي جي اڳواڻن واضح ڪيو ته انهن اسرائيل ڪي، تحفظ ڏيارڻ جي ڪابه درخواست نه ڪئي هئي، انڪري خطرو اهو پيدا ٿي ويو آهي ته ڪٿي فرقيواريت جي بنياد تي ملڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر گهرو ويڙهه نه شروع ٿي وڃي.



گذريل ڪجهه ڏينهن ڪان شام جي اهم شهر دمشق ۾ فرقيوار جهيڙا شروع ٿيا آهن، جيڪي شديد ته ناهن، پر خطري جي گهنٽي ضرور آهن. هيل تائين ان ويڙهه ۾ به درجن ماڻهو مارجي چڪا آهن. عبوري حڪومت جو چوڻ آهي ته ملڪ جي گاديءَ واري شهر- دمشق جي ڏکڻ - اولهندي حصي؛ اشرفيه صحنايا علائقي ۾ ڪجهه هٿياربندن هڪ سيڪيورٽي چوڪي تي حملو ڪيو. جڏهن ته جرمانا جي علائقي ۾ ٿيل حملي ۾ 10 ماڻهن جي مارجڻ جا اطلاع آيا. جنهن رات اها ويڙهه شروع ٿي، ان جي صبح تائين جهڙپون ٿينديون رهيون. شهرين به اهو خدشو ظاهر ڪيو ته جيڪڏهن فرقيوارانا فساد شروع ٿين ٿا ته اهي سموري ملڪ ۾ ڦهلجي سگهن ٿا. اهي به خبرون آيون ته فرقيوارانن فسادن جي پٺيان بشارالاسد جا حامي به آهن، جيڪي صورتحال ڪي غير مستحڪم رکڻ چاهين ٿا.

اسرائيلي وزير اعظم نيتن ياهو به اعلان ڪيو ته اسرائيلي فوج هڪ انتهاپسند گروپ ڪي نشانو بڻايو، جيڪو دمشق جي ڏکڻ ۾ دروز آبادي تي حملن جي تياري ڪري رهيو هو. هڪ ٻئي اسرائيلي حملي ۾ دمشق ٻاهران شام جو هڪ فوجي ماريو ويو. اسرائيلي فوج جي سربراهه حڪم ڏنو ته جيڪڏهن دروز آبادي جي خلاف تشدد بند نه ٿيو ته سندن مخالفن تي حملا شروع ڪيا ويندا.

اڳوڻي صدر بشارالاسد جي حامين، حڪومت جو تختو اونڌو ٿيندي ئي لاطاڪيه واري علائقي ۾ حملا ڪيا. انهن فرقيوارانن جهيڙن ۾ اٽڪل هڪ هزار ماڻهو ماريا ويا هئا. اهو امڪان به آهي ته شام جي موجوده عبوري حڪومت ۽ دروز ڪميونٽي ۾ ڦهريان ئي چڪتاڻ وارا لاڳاپا آهن، جيڪي وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿا. هي ڪمونيٽيز پنهنجن علائقن ڪي شامي رياست ۾ شامل ڪرڻ جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيون آهن. اصل ۾ دروز عرب اقليتي گروپ آهي، جن جو تعداد پنجن لکن جي لڳ ڀڳ آهي. اهي گهڻو ڪري السويدا ۽ دمشق جي ڏکڻ ۾ ننڍين شهرن ۾ آباد آهن. ٻنهي ڌرين ۾ ڳالهيون انڪري سستيءَ جو شڪار آهن جو دروز شامي حڪومت ڪان وڌيڪ خودمختياري چاهين ٿا. ڇاڪاڻ ته هو نئين عبوري حڪومت جي پس منظر ڪان ڇرڪيل آهن، جنهن جي قيادت احمد الشرع ڪري رهيو آهي.

دروز آباديءَ جو چوڻ آهي ته ڪجهه اهڙيون وڊيوز ڦهلايون پيون وڃن، جن سان فرقيواريت ڪي هٿي ملندي. جنهن ڌر تي الزام مڙهيو ويو، انهن به ان وڊيو ڪان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏي. جرمانا جي علائقي ۾ جهيڙن ڪي روڪڻ لاءِ حڪومتي نمائندن ۽ مقامي اڳواڻن ۾ معاهدو ڪرايو ويو، جنهن ۾ متاثر خاندانن ڪي معاوضو ڏيڻ ۽ حملو ڪندڙن ڪي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ جو وعدو ڪيو ويو. السويدا فوجي ڪائونسل جي سربراهه طارق الشوفي جو چوڻ آهي ته جرمانا ۾ قتل عام ٿي رهيو آهي، جتي دهشتگرد، حملا ڪري رهيا آهن. جنرل سيڪيورٽي دروز ۽ فوجي ڪائونسل ڪي انهن جي مدد ڪان روڪي رهي آهي. سوشل ميڊيا تي اهڙيون وڊيوز سامهون آيون آهن، جن ۾ هٿياربند عرب قبائلي السويدا مان ايندڙ قافلن ڪي اشرفيه صحنايا وڃڻ ڪان روڪي رهيا آهن. حڪومت جو چوڻ آهي ته دروز ويڙهاڪ جيڪي صحنايا ۾ آهن، انهن وٽ بارود ختم ٿي ويو آهي، رستو بند آهي ۽ جيڪي ماڻهو انهن جي مدد لاءِ اچي رهيا هئا، انهن تي فائرنگ ڪئي وئي، جنهن ۾ هڪ ماڻهو مارجي ويو.

فرقيواريت وڌڻ ڪانپوءِ دروز اڪثريتي علائقي السويدا ۾ ڪاوڙ جي ڪيفيت وڌي رهي آهي. اهي مقامي حڪومت تي بي اعتمادي ۽ ڪين نظرانداز ڪرڻ جو الزام مڙهي رهيا آهن. هينئر عبوري حڪومت ڪيترين ئي مشڪلاتن جو شڪار آهي. ان وٽ فوجي گهٽ آهن، مالي وسيلا نه هئڻ برابر آهي ۽ سموري ملڪ ۾ هٿياربند گروپ تيزي سان اڳتي وڌي رهيا آهن. حڪومت جي ان اعلان طرف ڪوبه ڌيان نه پيو ڏئي ته اها هٿياربند گروپن جي سرگرمين ڪي لوهي هٿ سان چيپاتي ڇڏيندي.

سياسي مبصرن جو چوڻ آهي ته، ملڪ اندر هن وقت فرقيوارائي چڪتاڻ وڌي رهي آهي ۽ پرڏيهي مداخلت خاص ڪري اسرائيلي دخل اندازي وڌي پئي، انڪري صورتحال حساس ٿي وئي آهي. دروز اقليت پنهنجي تحفظ ۽ خودمختياريءَ جي فڪر ۾ آهي. حڪومت جي ڪوشش آهي ته اها مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪري وٺي. هينئر سڀ ڪان وڌيڪ اهم معاملو اسرائيلي مداخلت آهي. ملڪ ۾ صرف حڪومت ۽ باغين ۾ ويڙهه ناهي، پر فرقيوارانن، نسلي ۽ سياسي گروپن ۾ به جهيڙو هلندڙ آهي، جن جا پنهنجا مفاد، نظريا ۽ پس منظر آهي. دمشق ويجهو ٿيندڙ تازي ويڙهه ۾ به تمام گهڻا گروپ ملوث آهن، جن ۾ ڪجهه گروپ هن ريت آهن-

1 _شامي عبوري حڪومت

احمد الشرع حڪومت جو سربراهه آهي. هو حيات التحرير الشام جو اڳوڻو اڳواڻ آهي. هن گروپ جو مقصد ملڪ جو مڪمل ڪنٽرول سنڀالڻ ۽ سمورين اقليتن ڪي رياستي ڍانچي ۾ شامل ڪرڻ آهي.

2 _دروز ڪميونٽي ۽ ان جا ويڙهاڪ

دروز آبادي جو مرڪزي گروپ السويدا مليٽري ڪائونسل آهي، جنهن جو سربراهه طارق الشوفي آهي. هيءَ ڪميونٽي پنهنجي عقيدي ۽ سوچ جي لحاظ ڪان خودمختيار رهي آهي. اها بشارالاسد جي دور ۾ به اها الڳ ٿلڳ هئي. نئين حڪومت تي به ان ڪي خدشا آهن.

3 _اسلام پسند ڌڙو، باغي گروپ

ان جو نالو حيات تحرير الشام آهي، جيڪو ماضي ۾ القاعدا سان جڙيل هو. هينئر ان گروپ جا ڪيترائي اڳواڻ نئين حڪومت جو حصو آهن. هو ملڪ ۾ اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ جا خواهشمند آهن.

4 _ هٿياربند عرب قبيلا

هي ويڙهاڪ دمشق جي آسپاس ۾ موجود آهن. ڪجهه گروپ دروز جي اثررسوخ ڪي روڪڻ چاهين ٿا. هي نئين حڪومت سان اتحاد ۾ شامل آهن.

5 _اڻ ڄاتل هٿياربند گروپ

هي اهو گروپ آهي، جيڪو هٿ ٺوڪيون وڊيوز شيئر ڪري ٿو، جنهن سان فرقيواريت ڪي هٿي ملي ٿي. هي گروپ واضح سڃاڻپ نٿو رکي، پر ان جو مقصد امن ڪي سبوتاز ڪرڻ آهي.

6 _اسرائيل:

اسرائيل سڌي ريت ڌر ناهي، پر اهو دروزن جي حفاظت جي نالي ۾ ڪيترائي ڀيرا بمباري ڪري چڪو آهي. ملڪ جي داخلي معاملن ۾ ان جي مداخلت سبب چڪتاڻ وڌي رهي آهي. شام ۾ هلندڙ ويڙهه ڏينهون ڏينهن مونجهاري جو شڪار ٿيندي پئي وڃي، جنهن ۾ مذهب، سياست، علائقائي اثر ۽ پراڻيون دشمنيون شامل آهن. هن ويڙهه مان اسرائيل فائدو وٺڻ چاهي ٿو. بشار الاسد جا حامي به، هڪ ڌر آهن، پر اهي انتهائي ڪمزور پوزيشن ۾ آهن. اسد جا حامي انڊر گرائونڊ ڪارروائيون ڪري رهيا آهن، جيڪي ڳجهي نموني سرگرم آهن. ان گروپ ۾ پراڻا شبيحا مليشيا جا عنصر به موجود آهن، جيڪي عبوري حڪومت لاءِ هر وقت خطرو آهن. ■

سچ اهو آهي تہ فردن ۽ ادارن جي اهميت بابت اهو سوال هڪ اهڙو فڪري ۽ علمي موضوع آهي، جنهن تي پوري دنيا جا ڏاها بحث ڪندا رهيا آهن، ڇوتہ هر سماج جي ترقي يا زوال جو دارومدار ان ڳالهہ تي رهيو آهي تہ، انهن ٻنهي مان ڪنهن کي اهميت ڏني وڃي. غور سان ڏسجي تہ هڪ فرد تبديليءَ جي شروعات ڪندو آهي، جڏهن تہ ادارو ان تبديليءَ کي دائمي شڪل ڏيندي اصول جي هڪ لڪير قائم ڪندو آهي. ٻنهي جي وچ ۾ لاڳاپو ايڏو تہ ڏکيو آهي، جو ڪنهن بہ هڪ کي، ٻئي تي فوقيت ڏيڻ جو فيصلو هڪ طرفو نہ ٿو ٿي سگهي.



# فرد يا ادارا، اهم ڪير؟



امر فياض ٻرڙو

جنهن سماج ۾ اسان رهون ٿا، اتي گهڻو ڪري اهو سوال ذهنن ۾ ايندو آهي تہ، ”فرد اهم ٿيندا آهن يا ادارا؟“ ڇوتہ عام طور تي اسان اهو ڏسي رهيا آهيون تہ ناڪار ٿيل هڪ اداري ۾ جيڪڏهن ڪو پلو، آدرشي ۽ اجتماعي مفادن بابت سوچيندڙ فرد، سربراهہ طور ايندو آهي تہ ٿوري ئي وقت ۾ اهو ڪِريل ادارو، مٿي چڙهڻ شروع ڪندو آهي، جڏهن تہ هڪ بهترين قائم ٿيل اداري ۾ جيڪڏهن ڪو عام رواجي آفيسر، مزاج يا مستقبل تي نظر نہ رکندڙ سربراهہ ٿي اچي ٿو تہ ڪجهہ ئي مهينن ۾ اهو ادارو ويهڻ لڳندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ اسان جي گهڻن ادارن جي هن وقت اها صورتحال آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ جتي جنهن مقصد لاءِ ڪو ادارو جوڙيو ويو آهي تہ، اهو پنهنجي اصل اجتماعي مقصد ڪان هٽي، اتي جي ملازمن جي ذاتي مفادن لاءِ ئي ڪم ڪري ٿو. تنهن ڪري اهو سوال وڌيڪ کُلي اڀري ٿو تہ. فرد اهم ٿيندا آهن يا ادارا؟

سچ اهو آهي تہ فردن ۽ ادارن جي اهميت بابت اهو سوال هڪ اهڙو فڪري ۽ علمي موضوع آهي، جنهن تي پوري دنيا جا ڏاها بحث ڪندا رهيا آهن، ڇوتہ هر سماج جي ترقي يا زوال جو دارومدار ان ڳالهہ تي رهيو آهي تہ، انهن ٻنهي مان ڪنهن کي اهميت ڏني وڃي. غور سان ڏسجي تہ هڪ فرد تبديليءَ جي شروعات ڪندو آهي، جڏهن تہ ادارو ان تبديليءَ کي دائمي شڪل ڏيندي اصول جي هڪ لڪير قائم ڪندو آهي. ٻنهي جي وچ ۾ لاڳاپو ايڏو تہ ڏکيو آهي، جو ڪنهن بہ هڪ کي، ٻئي تي فوقيت ڏيڻ جو فيصلو هڪ طرفو نہ ٿو ٿي سگهي.

فرد تاريخ جا محرڪ هوندا آهن. وڏا وڏا انقلاب، فڪري تحريڪون، سچائيءَ جا عمل، ۽ سياسي جدوجهدون گهڻو ڪري ڪنهن هڪ يا ڪجهہ فردن جي فڪر، جذبي ۽ عزم سان جنم وٺنديون آهن. اهي فرد، پنهنجي دور جي رواجن، ظلمن ۽ ڏاڍين ذرين پاران مڪروهہ خاموشيءَ يا بيحسيءَ جي خلاف آواز اٿاريندا آهن. سندن سوچ عام ماڻهن لاءِ روشنيءَ جو مينار بڻجي ويندي آهي. اهڙا مثال دنيا ۾ هر قوم، زبان، يا خطي جي فرق ڪان بغير هر دور ۾ ملن ٿا. سندن صلاحيتون صرف انهن جي داخلي بصيرت ۽ شعور تائين ئي محدود نہ هونديون آهن، پر سماج ۾ اڀرندڙ سوالن، ڏکن ۽ اميدن سان ڳنڍيل هونديون آهن. تاريخ شاهد آهي تہ اهڙن فردن کي تاريخي مقام حاصل ٿيندو آهي، جيڪو ٻين لاءِ پوءِ هڪ رستو بڻجي ويندو آهي.

پر اڳواڻ فردن جي ڪاميابين، ۽ پيدا ٿيندڙ اثرن ۽ فڪرن جي تسلسل لاءِ ادارن جي موجودگي ۽ مضبوطيءَ جي اهميت ڪان ڪوبہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهي. غور ڪري ڏسبو تہ فرد عارضي هڪ تبديلي آڻي سگهي ٿو، اتي ادارو ان تبديليءَ کي قانون، رواج ۽ هڪ منظم نظام جي شڪل ڏئي ٿو. فرد جي فڪر، سوچ ۽ لوچ کي تاريخ جي ورقن تائين محدود رکڻ بدران ادارو ان کي آئيندي ۾ ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جو ذريعو بڻجي ٿو. ادارا سائنسي فڪرن کي منظم ۽ لاڳيتو متحرڪ شڪل ڏيئي هڪ نظام سازي ڪندا آهن، پر جڏهن ادارا ڪمزور ٿين ٿا، تہ فردن جون محنتون بہ بي اثر ٿيڻ لڳنديون آهن. ان وقت هڪ سٺو استاد بہ تباهہ ٿيندڙ تعليمي نظام ۾ پنهنجي عقل ۽ دانش جي مدد سان ان کي گهڻي دير تائين نہ ٿو بچائي سگهي ۽ هڪ ايماندار جج بہ ڪرپٽ نظام ۾ پنهنجو اثر وڃائي ويهندو.

اهو سمجهڻ ضروري آهي تہ فرد ادارن کي جنم ڏين ٿا ۽ ادارا فردن کي تحفظ، سڃاڻپ ۽ ترقيءَ جا موقعا ڏيندا آهن. اهي ٻئي هڪٻئي سان جڙيل آهن. جيڪڏهن فرد بيدار، ايماندار ۽ آدرشي ٿيندا آهن، تہ اهي ادارن کي بہ سڌاري سگهن ٿا. ان جي ابتڙ، جيڪڏهن ادارا شفاف، موثر، ۽ عوام دوست هجن، تہ اهي فردن جي اندر اعتماد، صلاحيتن، ۽ سندن خوابن کي اُجاگر ڪري سگهن ٿا. جڏهن اها صورتحال پيدا ٿيندي آهي، تڏهن سماج ترقي ڪري ٿو، فڪر وڌي ٿو ۽ قوم پنهنجو مستقبل سنواري ٿي.

سنڌ جي هاڻوڪي صورتحال کي ڏسجي تہ معلوم ٿيندو تہ اسان وٽ آدرشي فرد ڪو ورلي اڀري ٿو، مٿان وري وڌيڪ ظلم اهو تہ، اسان جا ادارا ڪمزور، سياسي طور تي مفلوج، يا ذاتي مفادن جي ور چڙهيل ملن ٿا. نتيجي طور فردن جي اندروني تبديلي بہ ڪجهہ ڏينهن، مهينن يا سالن جي حد تائين ئي محدود رهي ٿي. ڪا نئين تحريڪ، ڪو نئون خيال، يا سچائيءَ سان ڀريل ڪا جدوجهد ڪجهہ وقت لاءِ تہ عوام جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ٿي، پر پوءِ اها بي اثر ٿي وڃي ٿي. ان جو سبب صرف اهو آهي تہ اسان وٽ اهڙا ادارا موجود ئي نہ آهن، جيڪي انهن تحريڪن، خيالن يا جدوجهدن کي منظم انداز ۾ محفوظ ڪندي ڪين اڳارينديءَ ۽ لاڳيتي تحريڪ ۾ منتقل ڪري سگهن.

فرد اڪيلي سر وڏا خواب ڏسي سگهن ٿا، پر انهن جي تعبير لاءِ ڪين هڪ مضبوط اڏاوت جي ضرورت ضرور پوي ٿي، جيڪا جوڙجڪ صرف ادارا ئي ڪري سگهن ٿا. سماج ان وقت ئي ترقي ڪندو آهي، جڏهن ادارا فردن جي آزادي، فڪر ۽ صلاحيتن کي ماڻ ڏين ۽ فرد وري ادارن جي تنظيم ڪاري ۽ انهن جي بهتريءَ لاءِ جوڙيل قانونن ۽ نظامن کي اهم سمجهي پنهنجو پاڻ، هڪ نظم ۽ ضبط سان ادارن جي بهتريءَ لاءِ سيڙائين، نہ پنهنجي ذات لاءِ سوچين.

اهو توازن، جيڪو فرد ۽ ادارن جي وچ ۾ هئڻ گهرجي، درحقيقت هڪ اهڙو سماجي معاهدو هوندو آهي، جيڪو جيڪڏهن صحيح طريقي سان نڀايو وڃي، تہ قومون دنيا جي ٻين ترقي ڪيل قومن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي اڳتي وڌي سگهن ٿيون، اجتماعي فڪر محفوظ ٿي سگهي ٿو ۽ سماج کي نئون بڻو ڪرڻ لاءِ هاڪاري تبديليون دائمي بڻجي سگهن ٿيون. بس اهو سمجهڻ گهرجي تہ، نہ فرد اداري ڪان بالاتر آهن، نہ وري ادارا فردن ڪان بي نياز ٿي ڪم ڪري سگهن ٿا. ياد رکڻ گهرجي تہ ٻنهي جي گڏيل قوت ئي قومن کي زوال ڪان بچائي ترقي ڏانهن وٺي وڃي ٿي. ■

## ڏوهه جي الزام هيٺ آيل ٻارن جو قانوني نظام _ Juvenile Justice System

# ڪنهن به ملزم ٻار کي پوليس ٿاڻي تي ناهي رکڻو

جوونائل جي ڪيسز ۾ ڊائورزن (Diversion) يعني متبادل رستي جو مرحلو پڻ اهم آهي. بنيادي طور تي اهو هڪ الڳ مرحلو آهي، جنهن ۾ جوونائل کي عدالتي ڪارروائي ۾ آڻڻ بدران هڪ ڪميٽي ڏي ڪيس موڪليو ويندو آهي، جنهن کي جوونائل جسٽس ڪميٽي چئجي ٿو. انهيءَ قسم جي ڪيسن جي ڪارروائي ٻين ڪيسن کان مختلف ٿيندي آهي. diversionانهن ڪيسز ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿي، جن ۾ پهريون مائنر نوعيت/عام ڏوهه (Minor offence) شامل هجي. ان جي سزا ٽن سالن تائين هوندي آهي، يا جوونائيل، جنهن تي سنگين نوعيت (Major offence) جو ڏوهه ڪرڻ جو الزام هجي، اهڙي ٻار جي عمر سورهن سال کان گهٽ هجي.





بئريسٽر عاشر مسعود مهر

پاڪستان پينل ڪوڊ جي سيڪشن 5 ۾ ٻار جي گرفتاري، گرفتاريءَ دوران ساڻس ٿيندڙ سلوڪ ۽ سندس قانوني حقن بابت وضاحت ٿيل آهي. سڀ کان پهريان جنهن ڳالهه جي اسان سيني کي خبر هجڻ گهرجي ۽ عام طور تي اسان جي پوليس اسٽيشن تي ته، جنهن سيڪشن تي بلڪل به عمل نه ٿيندو آهي، اُها اِها آهي ته ڪو به جوونائل يعني ٻار ڪنهن الزام هيٺ گرفتار ٿئي ٿو ته، انهيءَ کي پوليس اسٽيشن تي هرگز نٿو رکي سگهجي. قانون موجب پوليس تي اها ڳالهه لازمي آهي ته اهي اهڙي ٻار کي "آبزرويشن هوم" (Observation home) ۾ رکن ۽ گرفتاري دوران ڪانئس پڇا ڳاڇا آبزرويشن هوم ۾ ئي ڪين ڪرڻي آهي. پوليس تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته جيئن ئي جوونائل يعني ٻار کي گرفتار ڪيو وڃي ته ستت ئي ان ٻار جي والدين يا سنڀاليندڙ کي اطلاع ڏنو وڃي. پوليس انهيءَ ڳالهه جي پڻ پابند آهي ته والدين کي جوونائل جي گرفتاري بابت سموري معلومات مهيا ڪري، يعنئي ڪڏهن، ڪٿان ۽ ڇو گرفتار ٿيو؟

اهڙيءَ ريت جنهن به ڪورٽ ۾ ان کي پيش ڪيو ويندو، اها سموري ڄاڻ والدين کي ٻڌائڻ جا پابند هوندا. انهيءَ کان سواءِ جوونائل جي ڪيسز ۾ پروبيشن آفيسر (Probation officer) کي اطلاع ڏيڻ جي پڻ پوليس پابند آهي. پروبيشن آفيسر کي انهيءَ ڪري ٻڌائيندو جو لاڳاپيل پروبيشن آفيسر کي رپورٽ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائڻي هوندي آهي. جڏهن جاچ آفيسر ڪيس جو چالان جمع ڪرائندو ته انهيءَ ۾ اهو به لکيو ويندو آهي ته هنن ڪيس جي اڳيرائي ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون ذميواريون سرانجام ڏنيون آهن. جيل ۾ رکڻ ته پري جي ڳالهه آهي پر ٻار کي ڪهڙي به وقت هٿڪڙي يا زنجير به نٿي لڳائي سگهجي.

هن قانون ۾ جوونائيل جي وصف ۾ ٽن قسمن جا جرم ٻڌايا ويا آهن: هڪڙا معمولي ڏوهه آهن، جن جي سزا وڌ ۾ وڌ ٽن سالن تائين هوندي آهي. اهڙن ڏوهن کي معمولي يعني مائنر ڏوهه (Minor offence) تصور ڪيو ويندو آهي. ٻيا سنگين نوعيت جا ڏوهه شامل آهن، جن جي سزا ٽن سالن کان وڌيڪ يا وڌ کان وڌ ستن سالن تائين هوندي آهي. اهڙن ڏوهن کي سنگين ڏوهه (Major offence) مڃيو ويندو آهي، جڏهن ته ٽئين ڪيٽيگيري ۾ تمام گهڻي سنجيده قسم جا ڏوهه شامل آهن، جن جي سزا موت يا قيد جي سزا هوندي يا ستن سالن کان مٿي قيد هوندو. اهڙن کي Henious offence سڏيو ويندو آهي.

جوونائل جي ڪيسز ۾ ڊائورزن (Diversion) يعني متبادل رستي جو مرحلو پڻ اهم آهي. بنيادي طور تي اهو هڪ الڳ مرحلو آهي، جنهن ۾ جوونائل کي عدالتي ڪارروائي ۾ آڻڻ بدران هڪ ڪميٽي ڏي ڪيس موڪليو ويندو آهي، جنهن کي جوونائل جسٽس ڪميٽي چئجي ٿو. انهيءَ قسم جي ڪيسن جي ڪارروائي ٻين ڪيسن کان مختلف ٿيندي آهي.

diversionانهن ڪيسز ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿي، جن ۾ پهريون مائنر نوعيت/عام ڏوهه (Minor offence) شامل هجي. ان جي سزا ٽن سالن تائين هوندي آهي، يا جوونائيل، جنهن تي سنگين نوعيت (Major offence) جو ڏوهه ڪرڻ جو الزام هجي، اهڙي ٻار جي عمر سورهن سال کان گهٽ هجي، جڏهن هن اهو ڏوهه ڪيو هو، يعنئي اهڙو ڏوهه، جنهن ۾ ٻار جي عمر وڌ کان وڌ 7 سال آهي، انهيءَ لاءِ به ڊائيورزن ڏانهن ڪيس موڪلي سگهجي ٿو.

Diversionڏانهن ڪيس موڪلڻ کان پهريان جوونائل کان يا ان جي والدين کان راضپو ورتو ويندو. جيڪڏهن اهي راضپو ڏين ٿا ته پوءِ ڪيس جوونائل جسٽس ڪميٽيءَ ڏانهن ٽرانسفر ڪيو ويندو ۽ عدالتي ڪارروائي ختم ٿي ويندي. هاڻي اها Diversionڪهڙي به اسٽيج/موقعي تي ڪري سگهجي ٿي. پوليس آفيسر تفتيش دوران جيڪڏهن سمجهي ٿو ته اهو معمولي ڏوهه ڪيو آهي يا سنگين نوعيت جو ڏوهه، جنهن جي وڌ ۾ وڌ سزا ست سال هوندي آهي، پر ٻار جي عمر سورنهن سالن کان گهٽ آهي ته اهو ڪيس پڻ diversion۾ موڪلي سگهي ٿو ۽ اهڙي صورتحال ۾ پوليس آفيسر جوونائل ڪورٽ کي آگاهه ڪندو ته ڪيس diversion ڏانهن موڪليو ويو آهي ۽ چالان جمع نه ڪرائيندو. پر جيڪڏهن پوليس آفيسر يعني ڪيس جي تفتيشي آفيسر پنهنجي تفتيش مڪمل ڪري چالان جمع ڪرائي ڇڏيو آهي ته اهڙي صورتحال ۾ ٽرائيل (trial) دوران ڪورٽ کي اختيار آهي ته اهو diversionذريعي ڪميٽيءَ ڏانهن ڪيس موڪلي سگهي ٿي.


اهو عمل ڪهڙي به موقعي تي ڪري سگهجي ٿو، جيئن ٻار کي عدالت کان سزا ڏياري مٿس زندگيءَ ڀر جو ڪارو داغ هٽڻ ۽ ان جو ڪرمنل رڪارڊ خراب ڪرڻ بدران ان جو ڪيس diversionذريعي حل ٿي سگهي. Diversionذريعي جڏهن جوونائل جسٽس ڪميٽي وٽ ڪيس ايندو ته اهو ماڻهو جنهن شڪايت درج ڪرائي آهي، يا جيڪو متاثر آهي، انهيءَ جي رضامنديءَ سان مختلف طريقن سان ڪيس diversionتحت ختم ڪري سگهجي ٿو. مثال طور تي ڪنهن ٻار جيڪڏهن ڪا چوري ڪئي آهي ۽ جنهن جي چوري ٿي آهي ته، انهيءَ ماڻهو کي اهو چئي سگهجي ٿو ته، چوري موٽرائڻ کان پوءِ هو مجرم کي معاف ڪري ڇڏي. اٿين باهمي رضامنديءَ سان پڻ ڪيس کي اتي ئي ختم ڪري سگهجي ٿو. ٻيو طريقو اهو آهي ته جيڪڏهن جنهن ٻار کو نقصان ڪيو آهي، انهيءَ کان نقصان جو ازالو ڪرائي سزا معاف ڪرائي سگهجي ٿي. ٽيون طريقو اهو آهي ته ڪو اهڙو ملزم جيڪو لکت توڙي زباني پنهنجي غلطي تسليم ڪري معافي وٺي، تڏهن به ڪيس کي ختم ڪري سگهجي ٿو. هڪ طريقو اهو به آهي ته ملزم تي ڪا به سماجي خدمت يعني سماجي ڀلائي لاءِ سزا طور ڪم مقرر ڪري سگهجي ٿو، جيئن وڻ پوکڻ وغيره. هڪ طريقو اهو به آهي ته، جنهن شڪايت درج ڪرائي آهي، ڪيسز دوران آيل انهيءَ جو سمورو خرچ ڀري سگهي ٿو ۽ مجرم تي بقايا جرمانو پڻ لڳائي سگهجي ٿو. ٿلهي ليکي اهي diversionجا بنيادي اصول آهن. منهنجي خيال ۾ اهي ٻارن لاءِ تمام ضروري آهن. انهن اصولن جو نتيجو اهو نڪرندو ته خود ٻارن جي اندر خوداعتمادي وڌندي. انهن سان عام قيدين جيان سلوڪ نه ڪيو ويندو. انهيءَ عمل سان سندن ذهني صحت متاثر نه ٿيندي ۽ هو جڏهن سماج ۾ واپس ويندا ته سماج جا نارمل ۽ فعال ڪردار ثابت ٿيندا.

جوونائل جسٽس ڪميٽي جا چار ميمبر هوندا آهن. انهيءَ ڪميٽي جو سربراهه جوڊيشنل مئجسٽريٽ هوندو آهي. ٻيو ميمبر ڊسٽرڪٽ پبلڪ پروسيڪيوٽر، ٽيون ڪوئي به لوڪل بار جو ميمبر، جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ ست سال پريڪٽس هجي ۽ چوٿون ميمبر ڪوئي به پروبيشن آفيسر يا سوشل ويلفئير آفيسر هوندو، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ سترهين گريڊ جو هجي. جوونائل جسٽس ڪميٽي جي بنيادي ذميواري اها آهي ته، جيڪي ڪيس diversionجي ذريعي ايندا آهن، انهن کي هڪ مهيني اندر ختم ڪرڻ هوندو آهي. هن جسٽس ڪميٽي کي آبزرويشن هومز ۽ جونائل ري هئبيليٽيشن سينٽرز جي انسپيڪشن جا اختيار پڻ حاصل آهن، ۽ اتان جي آفيسرز ۽ انچارج کي جوونائل جي سوشل ويلفئير جي حوالي سان هدايتون ڏئي سگهن ٿا.

انهيءَ قانون ۾ هڪ وڏي پيچيدگي عمر جي پرک ڪرڻ آهي. عام طور تي هڪ جوونائيل، جيڪو ظاهري ٻيهڪ مان ننڍڙو لڳندو آهي يا وري ڪڏهن پاڻ ملزم گهٽ عمر ٻڌائندو آهي ته انهيءَ جي درست عمر معلوم ڪرڻ لاءِ هڪ الڳ طريقه ڪار موجود آهي. انهيءَ لاءِ پوليس آفيسر انچارج جي ذميواري آهي ته اها هن جي اصل عمر معلوم ڪرڻ لاءِ انڪوائري ڪندو. سڀ کان پهريان انهيءَ جي ڄمڻ جي سرٽيفڪيٽ ذريعي عمر معلوم ڪندو، جيڪڏهن اهو ناهي ته تعليمي سرٽيفڪيٽ ذريعي عمر معلوم ڪري سگهجي ٿي يا وري ٻئي ڪنهن اهڙي سرٽيفڪيٽ ذريعي جنهن ۾ عمر ظاهر ٿيل هجي. جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري ڪو به اهڙو سرٽيفڪيٽ يا ثبوت نه ملي سگهي، جنهن سان عمر جو تعين ڪري سگهجي ته پوءِ ميڊيڪل ٽيسٽ جي ذريعي عمر جو اندازو لڳائي سگهبو. جوونائيل کي جڏهن مئجسٽريٽ جي سامهون گرفتار ڪري رمانڊ لاءِ پيش ڪيو ويندو آهي ته مئجسٽريٽ انهيءَ جا سبب خاص ڪري عمر جي متعلق لکت ۾ رڪارڊ ڪندو آهي. هن قانون ۾ مئجسٽريٽ (جج) لاءِ به پابندي آهي ته هو جوونائل جي پهريان عمر معلوم ڪندو. جيڪڏهن پوليس انهيءَ حوالي سان ڪا ڪارروائي نٿي ڪري ته مئجسٽريٽ معلوم ڪندو. جيڪڏهن عمر جي حوالي سان ڪو به رڪارڊ نٿو ملي ته ٻار کي ميڊيڪل لاءِ موڪلڻ جو اختيار مئجسٽريٽ کي پڻ آهي. ■

# دنيا تي گهڻ قومي ڪارپوريشنس جي وڌندڙ هڪ هٽي

**وڏيون ڪارپوريشنون ملڪن جي معيشت کي پنهنجي وس ۾ آڻي ڇڏينديون آهن. اهي مقامي ڪاروبار ختم ڪري، مارڪيٽن تي پنهنجو قبضو ڄمائينديون آهن. جڏهن ڪو ملڪ انهن جي پاليسين تي نہ هلندو آهي، تہ اهي سيڙپ بند ڪري، بحران پيدا ڪري ڇڏينديون آهن.**



وسيم سومرو

انسان ذات صديون اڳ کان واپار، سياست، ۽ اقتدار جي راند ڏسندي آئي آهي، پر هاڻوڪي دور ۾ طاقت جو هڪ نئون روپ سامهون آيو آهي_ وڏين گهڻ قومي ڪارپوريشنن جو عالمي اثر. جتي ماضيءَ ۾ بادشاهن، سلطنتن، ۽ حڪمرانن قومن کي غلام بڻايو هو، اتي هاڻ وڏيون ڪمپنيون بظاهر واپار ۽ ترقيءَ جي نالي تي قومن جي آزاديءَ کي محدود ڪري رهيون آهن. ڪارپوريشنن جو عالمي ڪنٽرول ڪيئن ڪم ڪري ٿو؟



### 1. معاشي هڪ هٽي:

وڏيون ڪارپوريشنون ملڪن جي معيشت کي پنهنجي وس ۾ آڻي ڇڏينديون آهن. اهي مقامي ڪاروبار ختم ڪري، مارڪيٽن تي پنهنجو قبضو ڄمائينديون آهن. جڏهن ڪو ملڪ انهن جي پاليسين تي نہ هلندو آهي، تہ اهي سيڙپ بند ڪري، بحران پيدا ڪري ڇڏينديون آهن.

### 2. سياسي اثر ۽ دٻاءُ:

وڏيون ڪمپنيون حڪومتن تي دٻاءُ وجهي پنهنجي فائدي واريون پاليسيون ٺهرائين ٿيون. انهن وٽ وڏا لابي گروپ ۽ سياسي اثر هوندو آهي، جيڪي قانون بدلائي سگهن ٿا ۽ حڪومتي فيصلا پنهنجي مرضي مطابق ڪرائي سگهن ٿا.

### 3. وسيلن تي قبضو:

قدرتي وسيلن (پاڻي، زمين ۽ معدنيات وغيره) تي وڏين ڪارپوريشنن جو قبضو وڌي رهيو آهي. اهي مقامي ماڻهن کي وسيلن کان محروم ڪري، انهن کي پنهنجي پيداوار تي دارومدار ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿيون.

### 4. ثقافتي ۽ سماجي اثر:

ڪارپوريشنون رڳو معيشت تي نہ، پر ثقافت تي بہ قبضو ڪري رهيون آهن. انهن جي اشتهارن، فلمي مواد ۽ سوشل ميڊيا ذريعي عام ماڻهن ۾ انهن جي براندن ۽ مغربي سوچ جي حمايت پيدا ڪئي وڃي ٿي، جنهن سان مقامي ثقافتون ۽ روايتون پوئتي ٿي وڃن ٿيون.

### 5. ٽيڪنالاجي ۽ ڊيٽا تي ڪنٽرول:

گوگل، فيس بوڪ، ايمازون، ۽ ٻيون وڏيون ٽيڪنالاجيءَ جون ڪمپنيون ماڻهن جي ذاتي معلومات ۽ ڊيٽا کي ڪنٽرول ڪري رهيون آهن. اها ڊيٽا رڳو مارڪيٽنگ لاءِ نہ، پر ماڻهن جي نفسيات ۽ فيصلا بدلائڻ لاءِ بہ استعمال ڪئي وڃي ٿي.

تنهن ڪري سوال آهي تہ انهن گهڻ قومي ڪمپنين جي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڪيئن حاصل ڪجي؟

### 1. مقامي معيشت کي هٿي ڏيون:

**مقامي شين کي ترجيح ڏيو:** وڏين ملٽي نيشنل ڪمپنين بدران مقامي واپارين جي تيار ڪيل شيون خريد ڪريون.

**هٿ جي هنر ۽ زرعي معيشت کي بحال ڪيون:** پنهنجن زرعي وسيلن کي محفوظ رکون، جيئن اسان پاڻ پيرا ٿي سگهون.

### 2. تعليم ۽ شعور پيدا ڪريون:

**نوجوانن کي حقيقي تعليم ڏيون:** اهڙي تعليم ڏجي جيڪا ڪارپوريٽ غلامي کان آگاهي ڏئي.

**ميڊيا تي ڌيان ڏيون:** گهڻ قومي ڪارپوريشنن جي حقيقي مقصدن ۽ سماجي اثرن بابت ڄاڻ کي عام ڪجي.

### 3. حڪومتن تي دٻاءُ وجهون:

مقامي صنعتن جي حمايت لاءِ قانون سازي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪجي.
حڪومت کان گهر ڪجي تہ وڏين ڪمپنين جي اجارادري تي ڪنٽرول رکيو وڃي.

### 4. ڊيٽا جي آزادي ۽ پرائيويسي:

سوشل ميڊيا ۽ آن لائن پليٽ فارمس کي احتياط سان استعمال ڪجي.
اوپن سورس ۽ مقامي ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ تي ڌيان ڏجي.

### 5. واپار بدران تعاون واري معيشت:

هڪٻئي جي مدد لاءِ مقامي تعاون وڌائجي.
سڌو سنئون ننڍين ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن کي هٿي ڏجي.

**نتيجو:**

دنيا هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي، جتي بادشاهتن جي جاءِ گهڻ قومي ڪارپوريشنس ورتي آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي آزادي، ثقافت، ۽ وسيلن کي محفوظ رکڻ چاهيون ٿا، تہ پوءِ شعور پيدا ڪرڻ، مقامي معيشت کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڪارپوريشنن جي هڪ هٽيءَ خلاف گڏجي بيهڻ ضرورت آهي. ■

# غلام نبي قاضيءَ جو سنڌ ۾ جديد تعليم جي واڌاري ۾ ڪردار

غلام نبي قاضيءَ جو تعلق پاٽ جي قاضين سان هو. هيءُ علامه آءِ آءِ قاضي جو ويجهو عزيز هئو. سندس والد رئيس دين محمد قاضي پاٽ جو هڪ نهايت بااثر زميندار هو. غلام نبي قاضيءَ جو جنم پهرين جنوري 1884ع تي ٿيو. هيءُ سيڪنڊري تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪري اعليٰ تعليم لاءِ عليگڑهه ويو. جتان بي. اي ڪري الهه آباد يونيورسٽيءَ ۾ فرسٽ ايل. ايل. بي ۾ داخل ٿيو، پر پنهنجي گهرواري مريم جي وفات سبب ڪيس واپس اچڻو پئجي ويو. بيگم مريم قاضي، علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي سڳي ڀيڻ هئي.



مختيار احمد ملاح

انگريزن جڏهن سنڌ ۾ جديد تعليم جو آغاز ڪيو ته اها تعليم حاصل ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هئي، خاص ڪري سنڌ جي مسلمانن لاءِ اعليٰ تعليم جهڙو ڪر هڪ خواب هئي. ان دور ۾ ميٽرڪ سميت انٽرميڊيئيٽ ۽ گريجوئيشن سطح جي تعليم لاءِ بمبئي، ڪلڪتي يا الهه آباد وڃڻو پوندو هو. ڏڪار جي انهن ڏينهن ۾ جن اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪاميابيءَ سان تعليمي انتظام سنڀاليو، انهن مان رئيس خانبهادر غلام نبي قاضي پاتائي پڻ هڪ هئو.

غلام نبي قاضيءَ جو تعلق پاٽ جي قاضين سان هو. هيءُ علامه آءِ آءِ قاضي جو ويجهو عزيز هئو. سندس والد رئيس دين محمد قاضي پاٽ جو هڪ نهايت بااثر زميندار هو. غلام نبي قاضيءَ جو جنم پهرين جنوري 1884ع تي ٿيو. هيءُ سيڪنڊري تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪري اعليٰ تعليم لاءِ عليگڑهه ويو. جتان بي. اي ڪري الهه آباد يونيورسٽيءَ ۾ فرسٽ ايل. ايل. بي ۾ داخل ٿيو، پر پنهنجي گهرواري مريم جي وفات سبب ڪيس واپس اچڻو پئجي ويو. بيگم مريم قاضي، علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي سڳي ڀيڻ هئي.

تعليم مان فارغ ٿي ڪجهه وقت تجارت ۾ گذاريائين. ان سان گڏ اباڻي زميداريءَ ۾ به ڪافي دلچسپي ورتائين. انهن ڏينهن ۾ سيد الهندي شاهه نوشهري فيروز ۾ سنڌ جي مسلمانن جي تعليم لاءِ مدرسه اسڪول قائم ڪيو هو، جنهن لاءِ ڪيس تعليم يافته سنڌي مسلمانن جي ضرورت هئي. شاهه صاحب جي تمام گهڻي اسرار تي، غلام نبي قاضيءَ 1917ع ۾ مدرسه اسڪول جي پرنسيپال جي چارج ورتي. ان وقت اسڪول محض مڊل اسڪول طور تعليم مهيا ڪندو هو. قاضي صاحب پنهنجي حسنِ تدبر، مسلسل ڪوششن ۽ اثر رسوخ سان ان کي ترقي ڏياري. هو نوجوان هو ۽ اچڻ سان اسڪول جي دفتري، عمارت جي خوبصورتي ۽ بورڊنگ هائوس جي واڌاري تي ڪم ڪيائين.

1918ع جي رپورٽ ۾ الحق اخبار جي ايڊيٽر لکيو ته، ”اهو سمورو مدرسي جو دلپسند انتظام قاضي ميان غلام نبي صاحب پرنسپال جي همت سان آهي جو صاحب پوري پوري ڪوشش ۽ دلچسپي سان مدرسي کي مزين ۽ محن ڪري رهيو آهي. تنهن کان سواءِ ان صاحب اسڪول جي باغيچي تي به چڱي محنت ورتي آهي ۽ ان کي باغِ آرام بنايو آهي ۽ سرڪاري خرچ سان سجايو ڪيو آهي. ان احوال پڙهندي اسان جي مسلمان ڀائرن کي ضرور خوشي ٿيندي ته نوشهرو مدرسه، جو هڪ اسلامي مدرسو به آهي، سو ترقي ڪري رهيو آهي.“

هن جي دور ۾ سنڌ جو نالي وارو عالم ۽ اديب علامه عمر بن محمد دائود پوٽو جڏهن لاڑڪاڻي مدرسي مان پنج درجا پاس ڪري نوشهري مدرسي ۾ آيو هئو ته اُن وقت جو پرنسپال قاضي غلام نبي صاحب هو، جنهن ڪيس غريب ۽ هوشيار شاگرد هئڻ ڪري محمدن فنڊ مان درماهو ٽي رپيا ڏياريا هئا. قاضي صاحب، دائود پوٽي کي ڇهين درجي کان انگريزي پڙهائيندو هو. ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي ته، ”قاضي صاحب اصل پاٽ جو وينل هو. عليگڑهه جو پڙهيل هو. هتي هرقسم جون علمي ۽ ديني سرگرميون ٿينديون هيون. اسين پنهنجي هم درسن سان گڏجي مولود چوندا هئاسين. استاد به صوم و صلوات نماز جي پابندي ڪندا هئا. مولوي امام بخش فارسي پڙهائيندو هو، جنهن جي انشاء پردازيءَ جي تعريف ڪئي وئي آهي. شاگردن جي وچ ۾ انگريزيءَ جا مناظرا ٿيندا هئا. سنڌي به پڙهائي ويندي هُئي. ڇهين درجي جي اوائل ۾ سر سيد امير علي جو، معرڪته الاراء ڪتاب Sprit of Islam(اسلام جو روح) پڙهڻ ۽ سمجهڻ ڪا سٽري ڳالهه نه هُئي.“

1920ع ۾ قاضي غلام نبيءَ کي لوئر سنڌ لاءِ محمدن اسڪولن جو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو، جتي هن چار سال محنت سان ڪم ڪيو. 1924ع ۾ مدرسي اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو ۽ ان وقت اسڪول کي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي سطح تي آڻڻ لاءِ هڪ قابل هيڊ ماستر/ پرنسيپال جي ضرورت هئي، ان ڪري هڪ دفعو ٻيهر قاضي غلام نبي صاحب کي مدرسي اسڪول نوشهرو فيروز ۾ پرنسپيپال مقرر ڪيو ويو. قاضي صاحب، صرف هڪ سال رهيو، جنهن کان پوءِ سائين امرجليل جي والد قاضي عبدالغنيءَ کي مدرسي اسڪول جو پرنسيپال مقرر ڪيو ويو ۽ هن کي ڪراچيءَ ۾ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپڪيٽر مقرر ڪيو ويو.


1927ع ۾ ڪيس لوڪل بورڊ جي سفارش تي لاڙڪاڻي لوڪل بورڊ جو ساندهه ڇهه سال ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو. هن اسڪول بورڊ جي انتظامن کي بهترين هلائيندي تمام وڏو نالو پيدا ڪيو. سندس ئي دور ۾ لاڙڪاڻو ضلعو تعليم ۾ ٻين ضلعن کان اڳتي نڪرڻ لڳو. 1932ع ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر سنڌ جو پرسنل اسسٽنٽ مقرر ٿيو، جتي به سندس ڪردار اڳي کان اڳرو هو. 1934ع ۾ خان بهادر ايس. ڊي. ڪنٽرئڪٽر، ايجوڪيشنل انسپيڪٽر سنڌ جي ٻن مهينن جي موڪل دوران قاضي صاحب کي اضافي چارج ڏني وئي. پهرين جنوري 1936ع کان ٽن مهينن لاءِ ڪيس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو پرنسيپال مقرر ڪيو ويو.

1936ع ۾ سنڌ کي جڏهن بمبئي پريزيڊنسيءَ کان ڌار ڪيو ويو ۽ تعليم کاتي جو وزير پير الاهي بخش ٿيو ته ان عرصي ۾ پرائمري تعليم سان گڏ سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري تعليم گهڻي ترقي ڪئي. 1936ع تائين تعليم کاتو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي ماتحت رهيو، پر ان کان پوءِ ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن جو عهدو قائم ڪيو ويو، جنهن تي خان بهادر غلام نبي قاضي کي مقرر ڪيو ويو. خان بهادر نورالدين غلام علي نانا، پهرين اپريل 1936ع تي پينشن تي روانو ٿيو ته سندس جاءِ تي قاضي غلام نبي کي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪري، ڪيس ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن جا اختيار ڏنا ويا.

تعليم کاتي جي ذميواريءَ سان گڏ ڪيس عارضي طور تي سکر جو ڪليڪٽر به مقرر ڪيو ويو. سنڌ مدرسه بورڊ ۽ ڊي. جي ڪاليج بورڊ سميت ڪيترن ئي ادارن جو اعزازي ميمبر ۽ عهديدار پڻ رهيو.

غلام نبي قاضي سنڌ جي تاريخ جو تمام وڏو ڄاڻو هو. هن سنڌ تعليم جي ميدان ۾ ڪيترائي سڌارا آندا. تعليم کاتي ۾ خدمتن جي ڪري 1934ع ۾ ڪيس ”خانبهادر“ جو لقب مليو ۽ 2 جنوري 1939ع تي نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ تي ڪيس Member of the Most Excellent Order of the British Empire جو اعزاز عطا ڪيو ويو. رٽائرمينٽ کان پوءِ ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن وارو عهدو سندس پياري شاگرد ڊاڪٽر عمر بن دائودپوٽي کي ڏنو ويو. نوڪريءَ تان رٽائرمينٽ کان پوءِ ڪراچيءَ جي ملير واري علائقي ۾ ڪيتي ٻاڙي سان دل وندرائيندو رهيو. سنڌ ۾ يونيورسٽي واري تحريڪ ۾ سندس اهم ڪردار هو ۽ هن شروعاتي ڏينهن ۾ سنڌ يونيروسٽيءَ جي رجسٽرار يا ايڊمن آفيسر طور پڻ اضافي خدمتون به نڀايون هيون.

خان بهادر قاضي غلام نبي انگريز اسٽائيل تعليمي آفيسر هو. هن 1955ع ۾ وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس اولاد به سنڌ ۾ ناماچاري ڪمائي. ڪيس اولاد ۾ به پٽ: اي. جي. اين قاضي ۽ جسٽس بشير غلام نبي قاضي، ۽ به ڌيئر: خاڪي ۽ عائشه هئا. آفتاب غلام نبي قاضي، جيڪو اي. جي.اين قاضيءَ جي نالي سان مشهور هو، سو بئنڪ آف پاڪستان ”اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان“ جو گورنر بڻيو. هن جو سنڌ جي انهن نوجوانن ۾ شمار ٿيندو هو، جن آءِ.سي. ايس جو امتحان پاس ڪيو هو. 1969ع ۾ ناڻي وارو سيڪريٽري مقرر ٿيو. 1978ع کان 1986ع تائين بئنڪ آف پاڪستان، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جو گورنر رهيو. 1993ع ۾ پرائيويٽائيزيشن ڪميشن جو چيئرمين مقرر ٿيو. ■



# سنڌوءَ جو شهيد: ملزم سومرو

استاد حافظ محمد بخش ”ملزم“ سومرو، جنهن جو ادبي نالو ”ملزم سومرو“ هئو، ان جو جنم 4 آگسٽ 1961 ع تي حافظ علي محمد سومري جي گهر ۾، ڳوٺ چانڊڻ شريف ۾ ٿيو هو. ايم اي ايڪنامڪس، بي ايڊ ۽ ايم ايڊ ڪرڻ سان گڏ قرآن پاڪ به حفظ ڪيو هئائين. 1986 ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد طور مقرر ٿيو ۽ 2021 ع ۾ رٽائر ٿيو. ان کان اڳ اينگرو ڪيميڪل، ڏهرڪي ۽ ٿرمل پاور پلانٽ گڊو ۾ به خانگي ملازمت ڪئي هئائين.





آزاد انور ڪانڌڙو

ان ڏينهن 27 اپريل تي هو سنڌو درياهه کي بچائڻ ۽ تڪراري 6 ڪئنالن جي خاتمي لاءِ ٻبرلوءِ ۾ وڪيلن جي لڳايل ڌرڻي ۾ شرڪت لاءِ ويا هئا. سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي جي ان وفد ۾ سينئر شاعر ملزم سومرو، جي ايم لاڙڪ، فدا ملڪ ، زاهد پيتو ۽ ٻيا شامل هئا. ٻبرلوءِ ڌرڻي ۾ سڄي سنڌ مان قافلا ايندا رهيا. ملزم سومري ۽ سندس ساٿين جي ڌرڻي ۾ ڪيترن ئي تخليقڪارن سان ملاقات به ٿي. واپسي تي ملزم سومرو سرحد باءِ پاس وٽ شرپسندن جي حملي ۾ زخمي ٿيو. ڪيس ڏهرڪي اسپتال پهچايو ويو. ان بعد ڪيس شيخ زيد اسپتال رحيم يار خان نيو ويو، جتي 29 اپريل تي زخمن جا تاب نه سهي، سنڌو درياهه جو شهيد بڻجي، هميشه لاءِ وڇڙي، امر ڪردار بڻجي ويو.

استاد حافظ محمد بخش ”ملزم“ سومرو، جنهن جو ادبي نالو ”ملزم سومرو“ هئو، ان جو جنم 4 آگسٽ 1961 ع تي حافظ علي محمد سومري جي گهر ۾، ڳوٺ چانڊڻ شريف ۾ ٿيو هو. ايم اي ايڪنامڪس، بي ايڊ ۽ ايم ايڊ ڪرڻ سان گڏ قرآن پاڪ به حفظ ڪيو هئائين. 1986 ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد طور مقرر ٿيو ۽ 2021 ع ۾ رٽائر ٿيو. ان کان اڳ اينگرو ڪيميڪل، ڏهرڪي ۽ ٿرمل پاور پلانٽ گڊو ۾ به خانگي ملازمت ڪئي هئائين.

ملزم سومري لکڻ جي شروعات 1984 ع ڌاري ڪئي. ان دور ۾ سنڌ جي سمورين اخبارن جي ادبي صفحن ۽ رسالن ۾ سندس شاعري ڇپجندي هئي. سندس شاعري ڪيترن فنڪارن به ڳائي. سندس هڪ شعري مجموعو ”سوين جا الڪا“ ڇپيو. شاعري ڪانسواءِ هن ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪالم به لکيا. ملزم سومرو هڪ متحرڪ انسان، قومي سوچ رکندڙ، جاکوڙي ڪردار هو. علائقي ۾ قومي شعور ۽ جاڳرتا ڦهلائڻ لاءِ پنهنجي حصي جو سچائي، ايمانداري ۽ بيباڪي سان ڪردار ادا ڪيائين.

سائين ملزم سومرو سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي جو سرگرم ڪارڪن ۽ سيڪريٽري به رهيو. هو هڪ سجاڳ شاعر هو، جنهن پنهنجي قوم جي جياپي، جدوجهد، پيار ۽ امن جا گيت لکيا. سندس ڪجهه شاعري هتي پيش ڪجي ٿي:

”هر پل سجاڳ آهيون، ماڻا چو گيت ٿيندا،
وٽندڙ ويراڳ آهيون، ماڻا چو گيت ٿيندا.

سنسان هر گهٽي آ، تنهنجو ٿا درڙو ڳوليون،
اونداهه ۾ آڳ آهيون، ماڻا چو گيت ٿيندا.

هن پيار جي سفر تي، پاڇن پٺيان چو ڊوڙون،
نه ئي اياڳ آهيون، ماڻا چو گيت ٿيندا.

توڙي سمر ڪُٽي پئي، همت نه هاري ويهبو،
دردن تياڳ آهيون، ماڻا چو گيت ٿيندا.

پيغام ٿي پرهه جو، هرصبح سان ٿا جرڪون،
دشمن تي داڳ آهيون، ماڻا چو گيت ٿيندا.

ملزم اسين نه اڄ پي، ڪنهن جي لبن جي سرخي،
ڪنهن لئي مساڳ آهيون، ماڻا چو گيت ٿيندا.“

*

ماڻار چو ڪڪوليون، ساڳيون وري نه ورنديون
جهڙ، واءُ، سمنڊ چوليون،ساڳيون وري نه ورنديون

ماضي جا ٿهڪڙا ۽ ماضي جون لڪ لڪوٽيون
سپنن ۾ توڙي ڳوليون، ساڳيون وري نه ورنديون

سر، ڏاڪ تي گهڙا ۽ هٿ ڇيچ ٻار هٿ ۾
ويندڙ تڙن تي ٽوليون، ساڳيون وري نه ورنديون

تاريخ جو ڪفن سڀ اوڍي سمهي پونديون
گجرا، چنيون ۽ چوليون، ساڳيون وري نه ورنديون


آٿت ڏئي انهن کي پنهنجون تون چڏ سمهاري
يادون اٿي چو ڪوليون، ساڳيون وري نه ورنديون

هرصبح جو اٿڻ سان هر آس کي آ الڪو
اڏندڙ پکين جون ٻوليون، ساڳيون وري نه ورنديون

هر غم جي پويان ملزم، ٻيو غم لڪل رهي ٿو
پنهنجن جي ڪيون ٺٺوليون، ساڳيون وري نه ورنديون.

## سنڌوءَ جا شهيد

ٻبرلوءِ ڌرڻي ۾ ويٺل مظاهرين کي ماني ۽ پاڻي پهچائڻ بعد رات جو واپس لاڙڪاڻي ايندي لاڙڪاڻو _ خيرپور پل تي فريدآباد وٽ سوزوڪيءَ جي اونڌي ٿيڻ سبب 4 ڄڻا: عظيم شاهاڻي، حبدار شاهاڻي، پرائمري استاد اسلم شاهاڻي ۽ مولا بخش بروهي سنڌو درياهه کي بچائڻ ۽ ڪئنالن جي خاتمي واري تاريخي جدوجهد ۾ شهادت جو درجو ماڻي هميشه لاءِ امر ٿي ويا. 28 اپريل 2025 ع تي ڪئنال رد ڪرڻ واري مطالبو سرڪار پاران مڃڻ بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو، جنهن ڪانپوءِ ڌرڻي جي سرواڻ عامر نواز وڙائچ ايڊووڪيٽ، ڪي بي لغاري ايڊووڪيٽ ۽ ٻين حادثي ۾ فوت ٿي ويل جي پونئيرن سان لاڙڪاڻي وڃي تعزيت ڪئي ۽ فوتين جي وارثن کي 3 _ 3 لک رپيا امداد طور ڏنا. جڏهن ته ذوالفقار پيتو جونيئر به فوت ٿي ويلن جي وارثن سان تعزيت ڪئي.


فاطمہ حسنہ

Put Your Soul On Your Hand And Walk

# شهيد فلسطيني فوٽوجرنلسٽ فاطمہ حسنہ جي زندگيءَ تي ٺاهيل فلم



فاطمہ حسنہ مشهور فلسطيني فوٽوجرنلسٽ هئي، جنهن غزه جي پٽيءَ ۾ اسرائيلي اڳرائي ۽ مظلوم فلسطينين جي زندگين کي پنهنجين تصويرن ذريعي دنيا جي سامهون آندو. هوءَ 25 سالن جي ڄمار ۾ اسرائيلي فضائي حملي ۾ شهيد ٿي وئي. ان ۾ سندس خاندان جا 10 ڀاتي پڻ شامل هئا، ۽ جن ۾ سندس ڳرڀ سان پيٽ بہ شامل هئي. اهو حملو هنن جي غزه جي اترئين حصي ۾، گهر تي ڪيو ويو هو.

فاطمہ حسنہ کي 16 اپريل 2025 تي اسرائيلي حملي ۾ شهيد ڪيو ويو. هن 1999 ۾ غزه جي شهر ۾ جنم ورتو ۽ يونيورسٽي ڪاليج اپلائيڊ سائنسز مان ملٽي ميڊيا جي تعليم حاصل ڪئي هئي. هن 2023 ۾ غزه ۾ اسرائيلي حملن کانپوءِ فوٽوجرنلزم جي شروعات ڪئي ۽ ڏيهي ۽ پرڏيهي ميڊيا لاءِ ڪم ڪيو. هن جي تصويرن اسرائيلي ظلم جا پول کولي ڇڏيا هئا.

فاطمہ حسنہ جي زندگي ۽ ڪم فلسطيني مزاحمت، بهادري ۽ آزادي جي علامت بڻجي چڪي آهي. سندس تصويرن نہ صرف غزه جي تباهيءَ کي واضح ڪيو، پر فلسطيني عوام جي جدوجهد ۽ عزم کي بہ دنيا جي سامهون پيش ڪيو. ان سان گڏ سندس تصويرن نہ صرف فلسطيني عوام جي تڪليفن کي اجاگر ڪيو، پر عالمي سطح تي فلسطيني مزاحمت ۽ آزادي جي جدوجهد کي بہ واضح ڪيو.

فاطمہ حسونا جي شهادت فلسطيني صحافت ۽ فوٽوجرنلزم جي دنيا ۾ هڪ خال پيدا ڪيو آهي، پر سندس فوٽوگرافي فلسطيني عوام جو آواز بڻجي زنده رهندي.

هن جي زندگيءَ تي هڪ دستاويزي فلم "Put Your Soul On Your Hand And Walk" کي ڪانز فلم فيسٽيول ۾ نمائش لاءِ چونڊيو ويو آهي. اهو فيصلو هن جي زندگي ۽ ڪم جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿو. ايراني ڄائي ۽ فرانسيسي هدايتڪاره سپيده فارسي فاطمہ جي زندگيءَ تي اها دستاويزي فلم ٺاهي آهي. هن فاطمہ ۽ سندس ڪٽنب سان ويڊيو ڪالز ذريعي غزه جي زندگيءَ کي دستاويز شڪل ڏني آهي.

فاطمہ کي شهيد ڪرڻ جو اسرائيل اهو سبب ڏنو تہ، انهن اصل ۾ هڪ حماس جي


ايران ڄائي ۽ فرانسيسي هدايتڪارہ سپيدهہ فارسي

اڳواڻ کي نشانو بڻايو هو. پر فلم جي تخليقڪار اسرائيلي دعويٰ کي رد ڪري ڇڏيو آهي. فاطمہ جي شهادت عالمي سطح تي ڪاوڙ کي جنم ڏنو ۽ فلسطيني صحافت جي اهميت کي اجاگر ڪيو.

فاطمہ پنهنجي زندگي ۾ هميشہ سچائي جي ڳولا ڪئي ۽ فلسطيني عوام جو آواز بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جي شهادت ۽ زندگي تي ٺهيل فلم جي نمائش دنيا کي فلسطيني صحافين جي قربانين ۽ انهن جي جدوجهد جي حقيقت کان آگاهہ ڪيو آهي. ان طرح ڪانز فلم فيسٽيول ۾ فلسطيني عوام جي آواز کي عالمي سطح تي پهچايو ويو آهي. ■

# گرمي پد ۾ واڌ ۽ برساتون پوڻ جا امڪان: پر گرميءَ کان احتياط لازمي ڪجي

موسميات کاتي مطابق، 30 اپريل کان 4 مئي (اڄ) تائين ڪشمير، مظفرآباد، راولاڪوٽ، اسلام آباد، راولپنڊي، لاهور ۽ خيبر پختونخوا جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي. انهيءَ کان علاوه 2 مئي کان 5 مئي تائين ڏاکڻي پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ به تبديل ٿيندڙ موسم، تيز هوا ۽ ڪڏهن ڪڏهن برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر مطابق، ”سوشل ميڊيا تي ڦهليل خبرون اڪثر سائنسي حقيقتن سان نه ٺيون ٺهڪن. پاڪستان ۾ ايندڙ هفتي ۾ گرميءَ بدران برسات ۽ ڳڙي ڪرڻ جا امڪان وڌيڪ آهن.“



الطاف ابڙو

آمريڪي اخبار ”نيويارڪ ٽائمز“ جي هڪ رپورٽ موجب هلندڙ مئي مهيني جي پهرين هفتي ۾ پاڪستان ۾ گرميءَ جو نئون رڪارڊ قائم ٿي سگهي ٿو. ان جي برعڪس پاڪستان جي موسميات کاتي 30 اپريل کان ملڪ جي گهڻن ئي علائقن ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪئي هئي. انهن متضاد خبرن سبب شهرين ۾ مونجهارو پيدا ٿيو آهي ته آخر صحيح خبر ڪهڙي آهي؟

نيويارڪ ٽائمز جي رپورٽ موجب، جيڪب آباد، نوابشاهه ۽ دادوءَ جهڙن شهرن ۾، جتي اڳ ۾ ئي اپريل ۽ مئي مهيني ۾ سخت گرمي پوندي هئي، هاڻي اتي رڪارڊ ٽٽڻ جو اشارو ڏنو ويو آهي، پر پاڪستان جي موسميات کاتي مطابق ملڪ جي اترئين علائقن ۾ برساتون پئجي سگهن ٿيون، جنهنڪري گرميءَ جي شدت ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي.

موسميات کاتي مطابق، 30 اپريل کان 4 مئي (اڄ) تائين ڪشمير، مظفرآباد، راولاڪوٽ، اسلام آباد، راولپنڊي، لاهور ۽ خيبر پختونخوا جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي. انهيءَ کان علاوه 2 مئي کان 5 مئي تائين ڏاکڻي پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ به تبديل ٿيندڙ موسم، تيز هوا ۽ ڪڏهن ڪڏهن برسات جو امڪان آهي.

موسميات کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر مطابق، ”سوشل ميڊيا تي ڦهليل خبرون اڪثر سائنسي حقيقتن سان نه ٺيون ٺهڪن. پاڪستان ۾ ايندڙ هفتي ۾ گرميءَ بدران برسات ۽ ڳڙي ڪرڻ جا امڪان وڌيڪ آهن.“ سينئر موسمياتي ماهر ڊاڪٽر ظهير الدين جو چوڻ آهي ته:”سنڌ ۽ ڏاکڻي پنجاب ۾ گرمي وڌي سگهي ٿي، پر اها عالمي رڪارڊ کان پري آهي. اترئين علائقن ۾ برساتون گرمي کي گهٽ ڪري سگهن ٿيون.“

ياد رهي ته 2024 کي دنيا جو گرم ترين سال قرار ڏنو ويو هو. ناسا، ڪوپرنيڪس ۽ نوآ جي رپورٽن موجب، صنعتي سرگرميون، گرين هائوس گيسون، جهنگلن جي واڍي ۽ ايل نينو جي اثرن سبب دنيا ۾ گرمي پد وڌي رهيو آهي. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ گرميءَ جي لهر سان گڏ پاڻيءَ جو بحران ۽ فصلن جي تباهي انساني صحت تي منفي اثر ڇڏي سگهن ٿا.

ڏاکڻي پاڪستان (سنڌ ۽ بلوچستان) ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ ضروري آهي ته گرمي کان بچڻ لاءِ اهي پاڻي وڌيڪ پيئن ۽ ڏينهن جو گهٽي گرمي واري وقت ٻاهر نڪرڻ کان پاسو ڪن. اترئين ۽ وچولي علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي برسات، ڳڙن پوڻ ۽ آنڌارين کان خبردار رهڻ گهرجي. گهرن جي پاڻيءَ جي نيڪال وارن نالن کي صاف رکڻ ۽ ڪمزور عمارتن کان پري رهڻ جي ضرورت آهي. ان سان گڏ مستند ادارن جي رپورٽن تي ڀاڙڻ ۽ سوشل ميڊيا تي ڦهليل افواهه کان پري رهڻ گهرجي.

جيتوڻيڪ دنيا ۾ گرمي پد وڌي رهيو آهي، پر پاڪستان ۾ موسم جي ڪجهه حد تائين معتدل رهڻ جو امڪان آهي. ضرورت انهيءَ جي آهي ته احتياطي قدم کنيا وڃن ۽ صحيح معلومات تي ڀاڙيو وڃي.

موسمياتي ماهرن جو چوڻ آهي ته مئي مهيني جون گرميءَ جون لهرون سنڌ ۾ معمول موجب آهن، پر انهن جون حدون وڌيڪ ٿي سگهن ٿيون. مثال طور 2018 ۾ نوابشاهه ۾ 50 ڊگري سينٽي گريڊ تائين گرمي رڪارڊ ٿي هئي، جيڪا اپريل لاءِ عالمي رڪارڊ هئي. هاڻي به جيڪب آباد ۽ دادو ۾ 47.5 ڊگري تائين گرمي رڪارڊ ٿي چڪي آهي، جيڪا خطري جي گهنٽي آهي.

ان سان گڏ موسمي تبديليءَ جي اثرن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. گرمي جي لهر، برساتون ۽ ٻوڏون پاڪستان جي معيشت، صحت ۽ روزگار تي گهرا اثر ڇڏي ٿي. زراعت تي گرميءَ جو اثر سڌو سنئون فصلن جي پيداوار تي پوي ٿو. ڦتين، ڪمند ۽ سارين جي فصلن کي نقصان پهچي سگهي ٿو، جيڪو ملڪ جي معيشت لاءِ وڏو خطرو آهي.

شهرن ۾ ”اربن هِيٽ آئليند افيڪٽ“ جي ڪري گرمي پد ڳوٺن جي نسبت وڌيڪ هوندو آهي. ڪنڪريٽ جون عمارتون، گاڏين جون ڊگهيون قطارون ۽ وڻن جي گهٽتائي گرمي کي وڌائين ٿيون. انهيءَ ڪري، شهرن ۾ وڻ لڳائڻ، پارڪن کي وڌائڻ ۽ عمارتن کي جديد ٽيڪنالاجي سان ٺاهڻ جي ضرورت آهي.

حڪومت کي به موسمي تبديلي جي حڪمت عملي تي ڪم ڪرڻ گهرجي. صاف توانائي جا ذريعا، ٻيلن جي واڌ ۽ پاڻي جي مناسب بچت جي منصوبن تي عمل ڪرڻ گهرجي. عوام کي به پنهنجي سطح تي پاڻيءَ جو صحيح استعمال، وڻ لڳائڻ ۽ پلاسٽڪ جي استعمال کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

آخر ۾ اهو سمجهڻ گهرجي ته موسم جي اڳڪٿي ڪڏهن به 100 سيڪڙو درست نه ٿيندي آهي، پر احتياط ۽ آگاهي سان اسان موسمي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائي سگهون ٿا. گرميءَ جي شدت کي گهٽائڻ لاءِ شجرڪاري، پاڻي جي بچت ۽ صاف ماحول جي اهميت کي نه وسارجي. موسم جهڙي به هجي، اسان کي پاڻ سان گڏ پوري ڌرتيءَ جو فڪر ڪرڻ گهرجي. ■



سال 2022ع جي تصوير insideclimatenews.org ۽ گيٽي اميجز تان ورتل




# فلمي اداڪارائون لکن ٿيون

اردوءَ مان ترجمو ڪيل هيءُ ڪتاب بنهه منفرد آهي. وزير حسين ميمڻ اهو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادب جي دامن ۾ هڪ اهڙو ڪتاب وِڌو آهي، جيڪو ادب ۾ ته ياد رکيو ئي ويندو، پر اهو نسل جن هنن اداڪارائن کي اسڪرين تي ڏٺو ۽ اڄ سندن پنهنجون لکيل ڪهاڻيون پڙهندا ته، انهن جي مَن ۾ جيڪا خوشي ۽ فخر جو احساس پيدا ٿيندو، ان جو اندازو اهي ئي ڪري سگهندا.



رکيل مورائي

هيءُ هڪ اهڙو ڪتاب آهي جيڪو سنڌيءَ ۾ اڳ نه ڏٺو ويو ۽ نه پڙهيو ويو آهي. هن ڪتاب جو نالو آهي "حُسن لکي ٿو" ۽ ان جي اڌ ٻي سٽ هئڻ گهرجي ها "عشق پڙهي ٿو." ڪتاب جهڙو به هجي پر ان جو پڙهندڙ عشق هجي. هن ڪتاب جو لکندڙ حُسن آهي ۽ حسن ڏٺي/خالق عورتن کي سَرسُ ڏيندو آهي. هن ڪتاب جون لکندڙ اُهي عورتون آهن، جن جي سچاٽپ لکڻ نه رهي آهي، پر انهن جي سچاٽپ حسن رهي آهي ۽ حسن جو ادائون رهي آهي.




هن ڪتاب جون لکندڙ اُهي فلمي اداڪارائون آهن، جن جا جلوا اکين سان ڏٺا ويا آهن، پڙهيا نه ويا آهن. پڙهيون فقط سندن تعريفون ۽ تنقيدون ويون آهن، جيڪي ضروري توڙي غير ضروي هيون. هيءُ ڪتاب انهن فلمي هيروئنن جي لکيل ڪهاڻين تي مشتمل آهي جيڪي ڪهاڻيون هنن پاڻ لکيون آهن.

هن ڪتاب ۾ جن حسين اداڪارائن جون ڪهاڻيون شامل آهن، انهن جا نالا آهن: گيتا بالي، نِگار سلطانه، نَروپا راءِ، گيتا نظامي، لتا منگيشڪر، چاند برق، پرميله، صوفيه، حسن بانو، نرگس، گلِ اندام ، مريدولا ۽ منورما.

سچ پچ اهي ڪهاڻيون انهن پاڻ لکيون آهن؟ ڪتاب جو مهاڳ لکندڙ، سنڌي ناول نگار ڊاڪٽر محمود مغل ان ڳالهه تي به واڻي تي بيٺل آهي. ائين شايد ڪتاب جو مرتب خوشباش بي اي صاحب به آهي.

اردوءَ مان ترجمو ڪيل هيءُ ڪتاب بنهه منفرد آهي. وزير حسين ميمڻ اهو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادب جي دامن ۾ هڪ اهڙو ڪتاب وِڌو آهي، جيڪو ادب ۾ ته ياد رکيو ئي ويندو، پر اهو نسل جن هنن اداڪارائن کي اسڪرين تي ڏٺو ۽ اڄ سندن پنهنجون لکيل ڪهاڻيون پڙهندا ته، انهن جي مَن ۾ جيڪا خوشي ۽ فخر جو احساس پيدا ٿيندو، ان جو اندازو اهي ئي ڪري سگهندا.

هڪ ڳالهه چٽي آهي ته، ڪتاب جي ڪهاڻين ۾ نه فقط اکين کي ڪيرو ڪندڙ روشنيون آهن، پر انهن جي پُٺ ۾ اهي اونداهيون به آهن، جن کان ڪوبه جيئندڙ هوند خير گهري. تيرهن ڪهاڻين جو الڳ نوعيت وارو هيءُ ڪتاب سنڌي پڙهندڙن کي هڪ نئين ڏسا کان واقف ڪندو.

برصغير ۾ هنن مڙني اداڪارائن بابت مختلف نموني اديبن پاران پڻ لکيو ويو آهي، پر سندن پنهنجو لکڻ هن ڪتاب معرفت پهريون ڀيرو ظاهر ٿيو آهي، جيتوڻيڪ دنيا جي ادب ۾ هن قسم جو لکڻ چڱي انداز ۾ ملي ويندو. ڪيڏو بهتر هجي ها جيڪڏهن "ائڪٽريس جي ڊائري" جيان ان نسل جون اداڪارائون پنهنجون آتم ڪهاڻيون به لکن ها. مون کي شخصي طور هيءَ ڪهاڻي به هڪ آتم ڪٿا جو حصو لڳي، جنهن کي ڊائري به ڪوٺجي ٿو.

خوشباش صاحب جي هيءَ ڪوشش جيڪا سنڌي پڙهندڙن کان پوشيده رهي، هر طرح سان ساراهڻ جهڙي آهي. وزير حسين ميمڻ صاحب پنهنجي دلچسپيءَ جو ڪتاب ان ئي پيار سان ترجمو ڪيو آهي، جيڪو ڪيس فلمن ساڻ رهيو آهي. فلمن سان جنون جي حد تائين عشق ڪرڻ وارن دوستن هن ڪتاب جهڙو هڪ دستاويز شايد ئي ڏٺو هوندو. ان ڪري وزير حسين ميمڻ سنڌيڪار طور گهڻو جس لهڻي.

نالي واري اديب، ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامي نگار محمود مغل جي دلچسپيءَ ۽ فقير محمد ڍول جي محنت سبب هيءُ هڪ وٺندڙ ۽ الڳ موضوع رکندڙ، 136 صفحن وارو ڪتاب امرتا پبليڪيشن حيدرآباد ڇاپيو آهي، جنهن جو ملهه 600 رپيا آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ محمود مغل لکيو آهي، جيڪو پڻ پڙهڻ وٽان آهي. ■



منهنجي حياتي

# آئون هڪ عام ڳوٺ جي غريب ڪُٽنب ۾ پيدا ٿيس

مثل جسڪاڻي

ڪڏهن ڪنهن سوچيو آهي، ته پاڻ جهڙا آهيون، تهڙا ڇو آهيون؟ منهنجي خيال ۾ پاڻ جهڙا به آهيون، تهڙا ان ڪري آهيون جو پاڻ جنهن دور ۾ ڄاواسين، نپناسين، وڏا ٿياسين، ان دور ۾ پاڻ تي يا پاڻ سان جيڪو ڪجهه به ٿي گذريو، پاڻ تي ان دور جو جيڪو به اثر ٿيو، پاڻ ان اثر مان جيڪو به اثر، جيئن به قبول ڪيو، پنهنجي طبيعت تي، ان قبوليت جو جيڪو به اثر پيو، ان جي ئي نتيجي ۾ پاڻ جهڙا به آهيون، تهڙا ٿي پيا آهيون.

ان اصل حقيقت کي سمجهڻ لاءِ آئون تفصيل سان لکان، ته ڪنهن کي ذهن ۾ رکي لکان؟ جنهن کي ذهن ۾ رکي لکندس، ان تي ڪهڙو تاثر اڀرندو ۽ ان جو ردعمل ڪهڙو هوندو؟ ان کان اڳ جو ڪو غير ضروري نتيجو نڪري، ڇو نه آئون پنهنجا سڀ پڙهندڙ نظر انداز ڪري، جنهن شخصيت تي لکڻ وينو آهيان، ان جي ذات کي به هڪ پاسي رکي، ڇا اهو بهتر نه ٿيندو، ته آئون پنهنجي ذات کي ئي ذهن ۾ رکي، اوهان کي پنهنجو ئي مثال ڏئي، پنهنجي لکڻ جو مطلب، مقصد چِٽو ڪريان، ته جيئن پاڻ سيني کي، منهنجو موقف سمجهڻ ۾ ڪجهه سنهنجائي ٿي پوي!

آئون هڪ عام ڳوٺ ۾ هڪ اڻ پڙهيل ۽ غريب ڪُٽنب ۾ پيدا ٿيس. ان ماحول جي ريتن رسمن، رواجن، سماجي ۽ اخلاقي قدرن ۽ اڻ برابري واري ماحول ۾ وڏي وڏو ٿيس. اُتي جيڪو ڪجهه متوقع موجود هئڻ گهرجي، اهو سڀ ڪجهه هئو. مون کي مدد اها ملي، ته آئون گهر مان پنهنجي ويڙهي، ويڙهي مان پاڙي، پاڙي مان ڳوٺ ۽ ڳوٺ مان، ڳوٺ کي ويجهي اسڪول پهتس. اهو اسڪول اڄ به اسان جي ڳوٺ کان ساڍئي مفاصلي تي، ڪي ٽي ساڍا ٽي ڪلوميٽر پري آهي. پيرين پنڌ وڃي، واپس وري، پرائمري اسڪول مان هاءِ اسڪول، اتان پوءِ اعليٰ تعليمي اداري يعني يونيورسٽي ۾ پهتس.

مون تي، منهنجي مٽن مائٽن، هڪجيڏن، زندگي جي مختلف موڙن تي مون کي ملندڙ عام ۽ خاص ماڻهن توڙي منهنجي استادن، انهن جي ورتاءَ، انهن جي رَوَين ۽ انهن جي تربيت جو اثر پيو. ان حساب سان مون ماحول کي ڏسڻ، سمجهڻ، مُنهن ڏيڻ ۽ وک کڻڻ شروع ڪئي. نتيجي طور مون کي شايد اهڙو ئي ٿيڻو هو، جهڙو آهيان، تهڙو آهيان!

چوڻ لاءِ ته سچل به چيو ۽ درست به چيو آهي ته، "جوئي آهيان، سوئي آهيان." ان ئي تسلسل ۾ آئون به جهڙو آهيان، تهڙو آهيان. ■

## ڪتاب: وِهڻ جنهن نہ وڙاءُ (ليک) _ سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر نويد سرور

# تعليمي ماهر، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر سرور سيف بابت

**سرور سيف هڪ پرائمري استاد هئو، ان هوندي بہ پنهنجي محدود پگهار مان ادبي توڙي سياسي پروگرام منعقد ڪندو هو. هي پاڻ بہ بهترين مقرر، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار هو. نئين ٿهيءَ کي اتساهہ ڏيندي ڪين فرسوده سماج جي خاتمي ۽ نئين سماج جي اڏاوت لاءِ شعور ڏيڻ ۾ هن زندگي ڏني. سکر، گهوٽڪي ۽ شڪارپور ضلعن کان سواءِ ٻين ضلعن ۾ بہ سرور سيف صاحب جي ادبي ۽ سياسي شاگردن ۽ دوستن جو هڪ وسيع حلقو هئو.**




پريل دايو

تعليم، علم، ادب، سياست ۽ سماجي ميدان ۾ سدائين سرگرم رهندڙ شخصيت پروفيسر سرور سيف جي زندگي ۽ خدمتن بابت ”وِهڻ جنهن نہ وڙاءُ “جي نالي سان 96 صفحن جو ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. اهو ڪتاب سهيڙيندڙ سرور سيف صاحب جو پٽ؛ ڊاڪٽر نويد سرور آهي، جڏهن تہ ڪتاب جو پبلشر موجوده ٿهيءَ جو، سنڌي ۽ اردو ٻولين جو شاعر ڊاڪٽر سجاد سرور آهي.

هن ڪتاب ۾ مختلف اديبن، شاعرن ۽ ساڃاهہ وندن جا اهي ليک ڏنا ويا آهن، جيڪي سائين سرور سيف جي ادبي، سماجي ۽ سياسي ڪردار بابت وڏي ڄاڻ ڏين ٿا. اهي تحريرون پڙهي پروڙ پوي ٿي تہ، سرور سيف هڪ پورهيت جو پٽ هوندي بہ پڙهي، ڏکين حالتن مان گذري، زندگي ۽ سماج جي ڪنڊن ۽ پٽريلن رستن تان پنڌ ڪيا ۽ گڏيل سياسي مقصد جي لاءِ هڪ نظرياتي استاد ۽ قلمڪار طور پيڙائون پوڳيون. خاص طور پنوعاقل مان ڪاٻي ڌر سان وابستگي سبب آمريتي دور ۾ هن جا سڄاڻ سياسي شاگرد؛ نعيم شيخ، بشير سميجو ۽ غلام حيدر سميجو گرفتار ڪري سکر جيل ۾ قيد ڪيا ويا هئا. هن جي لائبريري لال مواد ۽ روشن خيالي ڦهلائڻ سبب ڇاپن جي خدشي ۾ رهندي هئي.

سرور سيف هڪ پرائمري استاد هئو، ان هوندي بہ پنهنجي محدود پگهار مان ادبي توڙي سياسي پروگرام منعقد ڪندو هو. هي پاڻ بہ بهترين مقرر، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار هو. نئين ٿهيءَ کي اتساهہ ڏيندي ڪين فرسوده سماج جي خاتمي ۽ نئين سماج جي اڏاوت لاءِ شعور ڏيڻ ۾ هن زندگي ڏني. سکر، گهوٽڪي ۽ شڪارپور ضلعن کان سواءِ ٻين ضلعن ۾ بہ سرور سيف صاحب جي ادبي ۽ سياسي شاگردن ۽ دوستن جو هڪ وسيع حلقو هئو. ان دور ۾ هن ڪارو ڪاري، سرداري نظام ۽ فرسوده رسمن بابت ڪهاڻين جو ڪتاب ”ڪير جهڙي ڪاري“ لکيو هو، جنهن جي شايع ٿيڻ بعد سرور سيف صاحب کي سنڌ جي ادبي حلقن ۾ وڏيڪ مڃتا ملي هئي. هِن ڪتاب (وِهڻ جنهن نہ وڙاءُ) ۾ سندس ڪهاڻين جو پيرائتو ذڪر ٿيل آهي. سندس اهي ڪهاڻيون سنڌي سماج جو آئينو آهن.




هن ڪتاب (وِهڻ جنهن نہ وڙاءُ) جو مرڪزي حصو، جنهن کي ڪتاب جو مغز چئجي، اهو اصل ۾ ليکڪا ريحانہ ڪنول جو لکيل مونوگراف آهي، جنهن ۾ ترتيبوار؛ ”سرور سيف جي جيون ڪٿا، “ ”سرور سيف ۽ سنڌي ادبي سنگت، “ ”سرور سيف جو ادبي پورهيو، “ ”سرور سيف جون ڪهاڻيون، “ ”سرور سيف بطور شاعر، “ ”سرور سيف بطور سنڌيڪار“ ۽ ”سرور سيف بطور مضمون نگار _ مقالا نويس، “جي عنوانن سان 9 ليک ڏنل آهن. ان کان پوءِ سائين انور پيرزادي، ڊاڪٽر ملڪ نديم ۽ نعيم شيخ جي راين سان گڏ ڊاڪٽر سجاد سرور، اياز لطيف دايو، پريل دايو، سرور سميجو، ڊاڪٽر محمد علي محمدي، پروفيسر سڪندر مهيسر، حسين جاگيراڻي، منظور بيدار ۽ اسد چاچڙ جا سرور سيف سان شخصي وابستگي، اتي وينتي ۽ ادبي خدمتن بابت ليک ڏنل آهن.

حقيقت ۾ هھڙا ڪتاب سهيڙڻ اصل ۾ پنهنجي دور جي ادب کي محفوظ ڪرڻ سان گڏ تاريخ سهيڙڻ برابر آهي، ڇو تہ شخصيتون هڪ لحاظ سان تاريخ ٺاهينديون آهن ۽ ڪٿي ڪٿي شخصيتون پاڻ، پنهنجي عظيم ڪمن ۽ ڪردار سبب تاريخ بڻجي وينديون آهن. ڏسجي تہ سائين سرور سيف، ان حوالي سان ڪنهن بہ طرح گهٽ ناهي. مون سميت ڪوڙ اهڙا اپرا سپرا ليکڪ آهن، جيڪي اسٽيج تي هٿڙ پٿڙ ڳالهائي وڃن ٿا، يا لکي وڃن ٿا، انهن جي سکيا ۾ بہ سرور سيف صاحب جو وڏو ڪردار ۽ پرورش جو ڪمال آهي، ڇو تہ هن پنهنجي شاگردن جي تعليم سان گڏ وڏي تربيت بہ ڪئي آهي. هن ڪين اڳتي وڌڻ جا گس ۽ ڏس ڏنا، نتيجي ۾ اهي اڄ هر شعبي ۾ وسن ٿا. ادب ۽ صحافت ۾ بہ سندس شاگردن جو هڪ وڏو تعداد موجود آهي.

سرور سيف صاحب رڳو پنوعاقل جو نہ پر پوريءَ سنڌ جو علمي ۽ ادبي سرمايو آهي، ۽ ڪيس هن ڪتاب ذريعي جائز مڃتا ڏني ويئي آهي، انڪري بہ جو هُو هڪ اداري جي حيثيت رکي ٿو. جن کي سرور سيف صاحب جي اهميت ۽ ڪم جو ڪو پتو نہ هجي تہ اهي هي ڪتاب پڙهي اندازو لڳائي سگهندا. هن ڪتاب ۾ علمي ۽ ادبي تاريخ سان سرور سيف صاحب جي زندگي جو ڪنهن قدر هڪ وڏو حصو بيان ڪيل آهي، جيڪو پڙهڻ سان اسان جا نوجوان پنهنجون نيون واٽون گهڙي، اوچو مقام ماڻي سگهن ٿا. هيءُ ڪتاب سوغات پبليڪيشن پني عاقل شايع ڪرايو آهي. ■

# هوءَ نسورو سچ هئي ۽ آءٌ ڪوڙ هئس



آصف جمالي

سالن کان هن جي ٽائيم لائين تي وجي ڏسندو آهيان. اهائي پراڻي تصوير. ”پروفائيل تصوير ڇو تبديل نٿي ڪري؟“ پهرين سوچيندو هئس، پر هاڻي نٿو سوچيان. ڇو جو مون بہ هڪ عرصي کان پروفائيل پِڪ (pic) تبديل نہ ڪئي آهي. شروع ۾ هڪ نہ ٻَئي ڏينهن، ڪنهن نہ ڪنهن گروپ جي ڪا پوسٽ شيئر ڪندي هئي، جنهن تي دل چوندي هئي تہ لائيڪ ڪريان، پر سندس پروفائيل بايو جا هي لفظ مون کي روڪي وجهندا هئا: ”ڪنهن جي زندگيءَ ۾ زهر نہ اوتيو.“ هونئن بنا اجازت ڪنهن جي ديوار ٽپي پنهنجو احساس ڏيارڻ اخلاقي لحاظ هڪ چڱو عمل نہ هو. پيو تہ آءٌ هن وٽ ڪوڙو ثابت ٿي چڪو هئس. ڪوڙو ماڻهو ڪڏهن بہ سچ جي سامهون بيهي نہ سگهندو آهي. اهڙي ماڻهو وٽ دروازو کڙڪائڻ/سچ جي سامهون ٿيڻ جي همت نہ هوندي آهي.

”هن بہ وساري ڇڏيو هوندو، “ سوچيندو هئس، پر هتي اهڙي ماڻهوءَ کي وسارڻ ڏکيو آهي، ڇو جو زندگي ۾ وڪ وڪ دوڪا ملندا رهندا آهن، ۽ پوءِ وري پهرين دوکي جي ياد تازي ٿي ويندي آهي. اسان جو هڪ ٻئي سان ڪڏهن تعلق هو. سچ ۽ ڪوڙ جهڙو تعلق. اهو چوندي ڪا هبڪ نہ ٿي رهي آهي. هوءَ نسورو سچ هئي ۽ آءٌ ڪوڙ هئس، ڇو جو هن جي جذبن سان کيڏندي مون کي ڪڏهن احساس بہ نہ ٿيو هو تہ، دلين سان کيڏبو ناهي... هميشہ ٻئڪ فوٽ تي رهي ٽِڪ ٽِڪ ڪئي هئي. هرويرو ڪهاڻي کي اينگهايو. هوءَ منهنجي ان ڇهري کي سچ سمجهي ويٺي هئي. ٿي سگهي ٿو، هر ڪهاڻي ۾ مرد ٻهروپيو نہ هجي، پر منهنجي هن ڪهاڻي ۾ منهنجي ڇهري تي هڪ ٻيو ڇهرو هو.

اهڙين ڪهاڻين جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا حيرت نہ هوندي آهي. پوءِ وقت گذرڻ سان هڪ ڏک ضرور چڪيندو آهي. ۽ نيٺ ماڻهو ڊائري جي انهن ورقن کي موڙي پن ڪري ڇڏيندو آهي، پر پوءِ زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي ڪُندن کان مُڙيل اهڙيون پراڻيون بلئڪ اينڊ وائيٽ تصويرون ڪڏهن المارين ۾، تہ ڪڏهن اخبارن يا پراڻن ڪتابن مان ٻاهر نڪري اينديون آهن.

هڪ ڀيري منهنجي پٽ، اهڙي ڪا ڪُندن کان مُڙيل بلئڪ اينڊ وائيٽ تصوير ڏسي ورتي. پهرين تہ گوٽ ناٽ ڪري سندس سوالن کان جان ڇڏائي ويس، پر پوءِ بہ وقت بوقت سندس سوالن جي بوڇاڙ ۽ آڏي پڇا ٿيندي رهي.

پڇندو هو، ”بابا، اوهان سگريٽ نہ پيئندا آهيو؟“

”نہ بابا... “

”پلا زندگيءَ ۾ ڪڏهن پيتو تہ هوندو؟“

”نہ بابا.... “

هڪ سچ کي لڪائڻ لاءِ ڪيترو ڪوڙ ڳالهائڻو پئجي ويندو هو!!

آءٌ ڪوڙ ڳالهائي ويندو هئس.

زندگيءَ ۾ سچ کي لڪائڻ لاءِ گهڻو ڪوڙ ئي ڳالهائڻو پوندو آهي. هڪ ڏکوئيندڙ صورتحال هئي، جنهن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو هو.

هن کي اهو پڇڻ گهربو هو تہ: ”بابا، اهو کهڙو نشو آهي، جيڪو اوهان نہ ڪيو؟“

هن جي دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ مون سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏنو هو. سوچيندو هئس تہ ٻڌايانس.

”جڏهن ننڍو هوندو هئس تہ هارين جون پن جون ٻيڙيون لڪي پيئندو هئس... پنگ تہ دل کولي پيتي، پر دوستن سان چرس مان بہ سوٽا هڻي وٺندو هئس. محفل ۾ آفيم ۽ شراب کي بہ چکي وٺندو هئس... پر تو کان پوءِ زندگي جي ان باب کي مون ڪوري ڪڍي اڇلائي ڇڏيو. “

پوءِ ٻڌائيندو هئومانس تہ، ”منهنجو هڪ دوست آهي، ان جو والد ڊرنڪ ڪندو آهي. “

”بابا اهو تہ خراب آهي. “

”ها بابا. “

”بابا اوهان ڪڏهن عشق ڪيو؟“

”نہ بابا. “

”ڪوڙ ٿا ڳالهايو! “

هن کي پراڻين ڊائرين مان سڻس پئجي چڪي هئي، جيڪي مون لڪائي رکيون هيون ۽ هن ڳولي هٿ ڪيون هيون.

هن دور ۾ ست سمنڊ پار کي ڳولڻ بہ مشڪل ناهي.




تصوير ٽوئٽر تان ورتل

هڪ ڀيري هُن جي تصوير ڏيکاري حيران ڪري ڇڏيائين.

پر واقعي مون هن کي نہ سڃاتو.

پوءِ پاڻ مهدي حسن جو گانو گنگنائڻ لڳو ۽ آئون سمجهي ويس.

پيرا پيٽي ڪندي مون کي سڳ سوڌو جهلي ورتائين.

پر ماضيءَ جي ڪتهڙي ۾ بيهندي خوف ٿيندو هو.

هڪ دوکي باز ٻهروپي ڪڏهن بہ آئيني سامهون بيهڻ جي جرئت نٿو ڪري سگهي.

انهن ڏينهن کان پوءِ هڪ اضطراب، عجيب تجسس مان هن جي ٽائيم لائين تي وجي ڏسندو آهيان. ڇهہ سال ٿي ويا آهن، هن ڪا پوسٽ شيئر نہ ڪئي آهي ۽ شروع کان وٺي سندس پروفائيل تي ساڳي تصوير آهي.


ڇو؟

پنهنجو پاڻ کان پڇان ٿو.

”ڪنهن جي زندگيءَ ۾ زهر نہ اوتيو..“ ■



نالي واري صحافي ۽ اداڪاره نوين نقوي سيشن جي ڪارروائي هلائيندي.



## ڪتاب: "سيٽ_ون سي" (Seat_IC) جي مهورتي تقريب

# جهاز حادثي مان بچي ويل پنجاب بئنڪ جي سي اِي او ظفر مسعود حادثي جي ڪهاڻي لکي ٿو

**2020ع ۾ ماڊل ڪالونيءَ مٿان ڪِريل جهاز مان معجزاتي طور بچي ويل ناليواري بينڪر ۽ بينڪ آف پنجاب جي سي اي او ظفر مسعود ان حادثي بابت پنهنجين يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب "سيٽ_ون سي" (Seat_IC) لکيو آهي. هن تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو ته، مون کي حادثي وقت ڪوبه ڊپ نه هيو. توهان جڏهن به ڪنهن ڪٿهڙي ۾ بيٺل هوندا آهيو ته ان وقت توهان بخوبي ڄاڻندا آهيو ته توهان ڇا آهيو. ظفر مسعود ٻڌايو ته، رئيس امروهوي منهنجي ناني جو وڏو ڀاءُ هيو. اسان سيني تي اسان جي ناني جو وڏو اثر آهي.**



لياقت عباسي

22 مئي 2020 تي پاڪستان انٽرنيشنل ائيرلائنز جي اڏام _8303 جيڪا لاهور کان ڪراچي اچي رهي هئي، اها جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لينڊ ڪرڻ واري هئي، پر بدقسمتي سان آخري لمحن ۾ ايئرپورٽ جي پر ۾ ماڊل ڪالونيءَ واري آباديءَ مٿان ڪري تباهه ٿي وئي هئي. ايئربس _A320 214جهاز، جنهن ۾ 99 ماڻهو (91 مسافر ۽ 8 جهاز عملو) سوار هئا.

جهاز لينڊنگ گيئر ۾ خرابي سبب رن وي تي لينڊنگ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ جهاز جي ٻنهي انجڻن کي نقصان پهتو. پائلٽ ٻيهر جهاز کي بلنديءَ تي کڻي ويو، پر جهاز جون ٻئي انجڻون ناڪام ٿي ويون، ۽ ان جي رفتار گهٽجي ۽ ٻيهجي وئي، جنهن بعد اهو عمارتن سان ٽڪرائجي تباهه ٿي ويو هو.

لاڳاپيل ادارن جي فني تحقيق موجب پائلٽ جي غلطين ۽ ڪنٽرول ٽاور سان گهٽ رابطي ۽ ڪِريو ايئر ٽريفڪ ڪنٽرول جون هدايتون نظرانداز ڪيون. نازڪ لمحن ۾ رابطو ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا. ڪيپٽن بغير فيسٽ آفيسر کي اطلاع ڏيئي لينڊنگ گير گهٽائي ڇڏي، ۽ ٻيهر اڏامڻ جي ڪوشش دوران ٻنهي پائلٽن هڪٻئي سان متضاد ڪنٽرول قدم کنيا ۽ نقصان رسيل انجڻ ۽ ڪنٽرول وڃائڻ سان حادثو پيش آيو. جنهن جي نتيجي ۾ 97 ماڻهو پنهنجون جانيون وڃائي ويٺا هئا. حادثي ڪانپوءِ لڳ ڀڳ باهه سان گڏ ڪيترائي گهر سڙي تباهه ٿي ويا هئا. پاڪستان جي "ايئرڪرافٽ ايڪسيڊينٽ انوسٽيگيشن بورڊ" جي تحقيق موجب ان واقعي جو مرڪزي سبب انساني غلطيون هيون.

ان جهاز مان معجزاتي طور بچي ويل ٻن خوشنصيب مسافرن مان هڪ: ناليواري بينڪر ۽ بينڪ آف پنجاب جي سي اي او ۽ نالي واري فلمي ۽ ٽي وي اداڪاران منور سعيد جي پُٽ ظفر مسعود ان حادثي بابت پنهنجين يادگيرين تي ٻڌل ڪتاب "سيٽ_ون سي" (Seat_IC) لکيو آهي، ان جي مهورتي تقريب تازو ٿي، جنهن جو اهتمام ڪراچي اوير واري علائقي گلستان جوهر ۾ واقع حبيب يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ ڪيو ويو هو. تقريب ۾ ڪتاب جي ليکڪ ظفر مسعود جي گهرڀاتين، مٽن مائٽن، دوستن، بينڪنگ شعبي، علم و ادب، صحافت ۽ ڪاروباري شعبي سميت مختلف مڪتبه فڪر سان لاڳاپيل ناليوارين شخصيتن



امينه سيد، جميل يوسف، عارف حبيب ۽ ٻيا مهورتي تقريب ۾ شريڪ

۽ شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. اهڙي شاندار مهورتي تقريب جي ماڊريٽر ناليواري ليکڪا ۽ صحافي نوين نقوي هئي.

تقريب ۾ ظفر مسعود پنهنجون يادگيريون بيان ڪيون ۽ سوالن جا جواب ڏنا. هيءُ ڄاڻايل واقعي جو ذڪر ڪندي ڪيترائي دفعا اداس ۽ روئڻهارڪو به ٿي ويو هو. ڪتاب مان حوالا ڏيندي هن جهاز حادثي دوران موت کي ويجهو ٿيڻ ڪانپوءِ زندگي جي نظريي ۾ تبديلي بيان ڪندي ٻڌايو ته، اهو انوکو تجربو هو، جيڪو، الله نه ڪري ڪو ٻيو ان کي منهن ڏئي. مون چاهيو پئي ته حادثي ڪانپوءِ جيڪو ڪجهه مون محسوس ڪيو، اهو ماڻهن سان شيئر ڪريان، ۽ انهيءَ جو احساس بيان ڪيان ته جڏهن توهان موت جي ايترو ويجهو اچو ٿا ته پوءِ توهان جي زندگي ڪيئن بدلجي ٿي ۽ توهان جون ترجيحون ڇا هئڻ گهرجن؟

ظفر مسعود ڪتاب جي ترتيب ۾ نوين نقوي جي شامل محنت جي تعريف ڪندي چيو ته، منهنجو هيءُ "سيٽ_ون سي" چوٿون ڪتاب آهي، پر هي اسپيشل ڪتاب آهي. جهاز حادثي تي ڳالهائيندي هن چيو ته جيڪڏهن ان وقت پائلٽ ۽ ڪنٽرول ٽاور وچ ۾ ڪميونيڪيشن ٿئي ها ته شايد اهو واقعو نه ٿئي ها. ان مان ثابت ٿيو ته ڪميونيڪيشن جي اهميت تمام گهڻي آهي. مون مليل خانداني ميراث مان هميشه عدد کان وڌيڪ خاصيت کي اهميت ڏني آهي. ظفر مسعود جو چوڻ هيو ته موت کان پهريان 30 منٽن جي اسٽوريءَ کي مُنهن ڏنو. هن وقت تائين ڪنهن ناهي ڏنو ته لائيف ائيڊ ڊيٽ ڪيئن ٿيندا آهن؟ پر آءٌ موت کي ويجهو ڏسي آيو آهيان. ڏسڻو اهو آهي ته ڪتاب جي صورت ۾ مان سوسائٽيءَ کي ڇا ٿو ڏيڻ چاهيان؟ هن چيو ته، زندگيءَ جي هر شعبي ۾ جياپو اهم موضوع رهيو آهي. مان گلاس اڌ ڀريل واري تصور ۽ سوچ کي اڳتي کڻي هليو آهيان.

هن وڌيڪ چيو ته، هن ڪتاب جو ڪريڊٽ آمنه ڏانهن به وڃي ٿو، اهو ڪريڊٽ مون ڏانهن ڪونه ٿو وڃي. ان ۾ بس گائيڊنس منهنجي ضرور آهي. مون ڪتاب ۾ چيني، روسي ۽ فرانسيسي ميٿالوجي جو به ذڪر ڪيو آهي. اسان وٽ ماڻهن کي اهميت ملڻ گهرجي. اهي ئي اهم آهن. ادارا تڏهن ٺهندا. مون اهو چوڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته، اهو صرف مون سان نه پر باقي ماڻهن سان به ائين ٿيو هوندو. مان ڪو منفرد ناهيان. هن ٻڌايو ته حادثي وقت مون کي پاڻ تي ڪو به ضابطو نه هيو ته مون کي ڇا سوچڻو آهي، ۽ ڇا ڪرڻو آهي. اهڙي صورت ۾ توهان به اهڙي ڪيفيت مان گذري سگهو ٿا. تنهن وقت به منهنجو ايمان ئي مون سان گڏ هيو.



حبيب يونيورسٽي جي ريسورس ڊويلپمينٽ جي ڊائريڪٽر اقصيٰ جوڻيجو آجياڻي تقرير ڪندي

حادثي کان پهريان پائلٽ کي ڪنٽرول ٽاور مان چيو پئي ويو ته، توهان لينڊ نٿا ڪري سگهو. ڪو شڪ ناهي ته بهترين پائلٽ هيو، پر ٿوري به غلطي سبب به حادثو ممڪن آهي. هن چيو ته زندگيءَ جون ترجيحون ماڻهن سان رابطي ۾ ئي اهميت رکن ٿيون.

ظفر مسعود چيو ته، مان اڪثر ليٽ ٿيندو آهيان. حادثي واري ڏينهن به لاهور ائيرپورٽ تي دير پهتس. جهاز حادثي واري جاءِ تي جن ماڻهن مون کي جان جوکي ۾ وجهي بچايو، انهن کي اها خبر نه هئي ته هو ڪنهن کي بچائي رهيا آهن! اهو انساني جذبو ئي هيو بس! هن اهو به چيو ته، مون کي حادثي وقت ڪوبه ڊپ نه هيو. توهان جڏهن به ڪنهن ڪٿهڙي ۾ بيٺل هوندا آهيو ته ان وقت توهان بخوبي ڄاڻندا آهيو ته توهان ڇا آهيو. ظفر مسعود ٻڌايو ته، رئيس امروهوي منهنجي ناني جو وڏو ڀاءُ هيو. اسان سيني تي اسان جي ناني جو وڏو اثر آهي. ■

## ”اسلام آبادين سنڌيڙا ڪلچرل اينڊ ويلفيئر ايسوسيئشن“

# سنڌي سڀيتا جو رنگين جشن



آفتاب سومرو





اسلام آبادين سنڌي ڪلچرل ۽ ويلفيئر تنظيم (اسوا) سنڌي سڀيتا جي سنڀال، واڌاري ۽ سنڌي برادريءَ جي سماجي ۽ معاشي ترقي لاءِ جوڙي وئي آهي. هيءَ تنظيم ملڪ جي گاديءَ واري شهر اسلام جي اهم اداري ”اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري“ جي رجسٽريشن، ضابطي ۽ سهولت جي قانون 2020 هيٺ رجسٽرڊ آهي. ان جي رجسٽريشن، ان کي قانوني طور سنڌي برادري جي خدمت لاءِ هڪ مضبوط پليٽ فارم مهيا ڪيو آهي.

**سنڌين جو اسلام آباد ۾ وسڻ**

اسلام آباد ۾ سنڌي برادريءَ جو هڪ وڏو تعداد رهي ٿو، جيڪي گهڻو ڪري سرڪاري ۽ نجي نوڪرين، واپار، تعليم ۽ ٻين پيشن سان جڙيل آهن. هتي سنڌي ماڻهو پنهنجي سڀيتا سان گڏ گڏيل سماج ۾ ميل ميلاپ سان رهن ٿا، پر سندن پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ روايتون اڃان به مضبوط آهن. اهي پنهنجي ٻولي، لباس، کاڌن ۽ ريتن رسمن ذريعي پنهنجي سڀيتا کي جيئرو رکن ٿا. اسلام آباد جهڙي گهڻ ثقافتي شهر ۾ سنڌي برادري پنهنجي روايتن کي نه رڳو سنڀالي ٿي، پر ٻين برادرين سان به سڀيتا ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺي ٿي. اسوا جهڙيون تنظيمون انهن کي هڪ پليٽ فارم ڏين ٿيون، جتي اهي





پنهنجي سڃاڻپ ۽ ايڪي کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿا.

**چونڊ ڪميٽي جي چونڊ**

جمهوري عمل ۽ روايتن کي مضبوط ڪندي27 اپريل 2025 تي اسوا جي چونڊ ڪميٽي جي پنجن سالن لاءِ ٽن رڪنن جي چونڊ ڪليل، منصفاني، سڪون ۽ دوستاڻي ماحول ۾ مڪمل ٿي. هيءَ چونڊ صدر اسلم سعيد گلال جي نگرانيءَ ۾ ٿي، جنهن ۾ ميمبرن جي وڏي انگ ۾ پري پري کان کهي اچي شرڪت ڪئي.

چونڊ ۾ 6 اميدوارن حصو ورتو، پر ٻن اميدوارن، عمران علي سانگي ۽ مير امجد علي ٽالپر، هٿ ڪڍي ويا. باقي 4 اميدوارن جو نتيجو هيٺئين ريت رهيو: صابر علي لانگاه: 26 ووٽ، رشيد احمد ٻرڙو: 25 ووٽ، اختر علي نائچ: 22 ووٽ ۽ آڪاش علي ٽگڙ: 05 ووٽ.

ڪل 27 ووٽرن ووٽ ڏنو. هن چونڊ جمهوري قدرن کي مضبوط ڪيو ۽ برادريءَ ۾ محبت وڌائي. نتيجي طور صابر علي لانگاه، رشيد احمد ٻرڙو ۽ اختر علي نائچ اليڪشن ڪميشن جا ڪامياب رڪن قرار ڏنا ويا. ٽنهي ميمبرن گڏيل مشوري سان رشيد احمد ٻرڙو کي اليڪشن ڪمشنر چونڊيو.

**چونڊ جو سهڻو ماحول**

چونڊ جو ماحول سڪون وارو ۽ سنڌي سڀيتا جي روايتن سان ڀريل هو. رڪنن جي ملاقاتن، ڀاڪر پائي ملڻ ۽ ادب وارا رويا عيد جهڙو ڏيک ڏيئي رهيا هيا. ننڍن جو وڏن سان احترام ۽ وڏن جو ننڍن سان پيار، سنڌي سڀيتا جي سونهن جي ثابتي ڏيئي رهيو هيو.

**ووٽ ڏيندڙ ميمبر:**

هن چونڊ ۾ ووٽ ڏيندڙ ميبر هي هئا: اسلم سعيد گلال، آفتاب احمد سومرو، جنسار علي مهر، صابر لانگاه، ممتاز علي چنڙ، شمس الدين ڪلهوڙو، گلزار علي ميمڻ، عبدالوهاب ميراڻي، مشتاق احمدج چانڊيو، خالد عباس گلال، انور علي جمالي، عبدالخالق مهر، جنسار علي بوزدار، عبدالرشيد سنديلو، رشيد احمد ٻرڙو، فيروز احمد عباسي، رياض علي پيرزادو، اختر علي نائچ، وقار حسين سومرو، اسلم پرويز ٻير، وحيد علي لاشاري، مير امجد علي، فدا حسين ٻير، فياض حسين عباسي، معظم سهتو ۽ ٻيا.

آخر ۾ اسلم سعيد گلال تنظيم جي صدر تنظيم پاران ڪامياب اميدوارن کي مبارڪون ڏنيون ۽ ڪين چيو ته، آئينده پنجن سالن تائين ٿيندڙ تنظيم جي چونڊن جا اوهان نه صرف ذميوار، پر امين به آهيو. صدر تنظيم کي قانوني ۽آئيني حيثيت يعني رجسٽريشن ڪرائڻ لاءِ جنسار علي مهر(جوائنٽ سيڪريٽري _ اسوا ) ۽ محترم عمران علي سانگي جي خدمتن کي ساراهيندي سندن ٿورا مڃيا. هن چونڊ لاءِ بهترين انتظام ڪرڻ تي گلزار علي ميمڻ جو شڪريو ادا ڪيو. صدر تنظيم طرفان سڀني جا ٿورامڃيندي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته، ميمبرن ووٽ جي حق کي ذميداري ۽ خوش اخلاقي سان استعمال ڪيو، جيڪو تنظيم جي جمهوري روايتن جو ثبوت آهي. ان عمل تنظيم جي جمهوري عمل کي مضبوط ڪيو آهي ۽ سنڌي برادري ۾ محبت ۽ يڪجهتي کي وڌايو آهي. اسان سڀني دوستن کي گذارش ٿا ڪريون ته اچو سنڌي سڀيتا کي وڌيڪ سگهارو بڻايون ۽ اڳتي به اهڙن موقعن تي يڪجهتي ۽ حسنِ اخلاق جو ثبوت ڏيون.

اسوا جو عزم آهي ته اها سنڌي برادري جي خوشحالي ۽ سڀيتا جي سنڀال لاءِ جاکوڙ جاري رکندي. هيءَ تنظيم سنڌي سڀيتا کي نون بلندين تي پهچائڻ ۽ برادري جي ترقي لاءِ ڪم ڪندي رهندي. اچو ته گڏجي سنڌي سڀيتا جي رنگين روپ کي دنيا آڏو چمڪايون. اچو هٿ ۾ ڏيئي دنيا سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلون■.

## اسوا جا مول متا ۽ مقصد

**سنڌي سڀيتا جي سنڀال:** سنڌي ٻولي، ادب، لوڪ گيتن، داستانن، رسمن ۽ رواجن کي محفوظ ڪرڻ، وڌائڻ ۽ نئن نسلن تائين پهچائڻ لاءِ مختلف وقتن ۽ هنڌن تي ميلا، ميڙاڪا، ورڪشاپس ۽ پروگرام منعقد ڪرڻ.

**سماجي ڀلائي:** سنڌي برادري جي پوئتي پيل طبقن لاءِ تعليمي امداد، صحت جا منصوبا، روزگار جا موقعا ۽ ويلفيئر پروگرام شروع ڪرڻ.

**يڪجهتي:** مختلف ذاتين ۽ نسلن ۾ ميل جول ۽ محبت کي وڌائڻ، ته جيئن سنڌي برادري متحد ۽ مضبوط رهي.

**جمهوري روين کي مظبوط ڪرڻ:** تنظيم جي سرگرمين ۾ برابريءَ جي بنياد تي موقعا فراهم ڪرڻ، منصفاڻا طريقا ۽ ذميواريون نڀاهڻ کي يقيني بڻائڻ، ته جيئن ميمبرن جو ڀروسو قائم رهي.

**حقن جي حفاظت:** سنڌي برادري جي قانوني ۽ سماجي حقن لاءِ آواز اٿارڻ، انهن جي حفاظت لاءِ ڪوششون وٺڻ ۽ کين بااختيار بڻائڻ.

هيءَ تنظيم سنڌي سڀيتا جي رنگين روپ کي وڌائڻ ۽ برادريءَ جي خوشحالي لاءِ جاکوڙي ٿي، جنهن ۾ تعليم، روزگار، صحت ۽ سماجي ترقي جا منصوبا شامل آهن■.

# غزل



## پارومل امراڻي سوٽهڙ

اڪيون چا تہ تنهنجون اڪيون آهن
هر روز مون سان ٻڪيون آهن

مون تي مينهن وانگر وسڻ ٿي چاهين
مون مرڪون تنهنجون لڪيون آهن

جيئن چنڊ جا ڪرڻا چڪور چڳي
ائين چاهتون تنهنجون چڪيون آهن

آئون شاعر آهيان نہ ڪو ساحر
مون ۾ تنهنجون باتيون بڪيون آهن

هي چڳن جي چرپر چغلي هٽي ٿي
چا هوائون بہ تنهنجون سڪيون آهن

عشق جي آڪيري ۾ هڪ تنها پکي
تو ۾ ڪيڏيون اميدون رکيون آهن

# غزل



## حيدر مهراڻي

نہ پيرن مان اميرن مان
اسان آهيون فقيرن مان

ڪيائين رڙ ڏسِي هٽ تي
نصيبن کي لڪيرن مان

وٽن ۾ نانگ ويهي ويا
پکي نڪتا آکيرن مان

اُجو آهيان، وَڃي پاڻي
وهِي ٿو هٽ جي سيرن مان

دريءَ مان ديد ڪر پرتي
چُتي ڪا جند تيرن مان

حياتي ۾ پٿر ڳولي
ڪديا سي هٽ هيرن مان

وٽن تا ساز سي آواز
ولوڙي جا نهيرن مان

سکيو مون پيار جو هي ڍنگ
مسافر راهہ گيرن مان

تِمي ٿو خون اڄ تازو
پَروڪن دل جي جهيرن مان

❋

تُون نہ رکجان مزاج ماکيءَ جو
تِيءَ دشمن سماج ماکيءَ جو

رب رکِي آ حيات کا هن ۾
ويڄ! ڪو ڏي علاج ماکيءَ جو

گهر مالهڻ کا ٿپي وئي آ
ٻاهران احتجاج ماکيءَ جو

پيار پيغام کي پکيڙي ٿو
پونءَ پونءَ جو رواج ماکي جو

ٻوڙ کي آگريون ڪتوري ۾
زهر ۾ ٿئي متاج ماکيءَ جو

هي ڏجي سوکڙي نياڻِي کي
هڪ وٽو ساڻ ڏاج ماکيءَ جو

هل ڪاڇي هلي ڏِسِي اَڄُ تون
گهر ٿَئِي نئڻ ڳاج ماکيءَ جو

پيٽ پاڻي ڪٽي وجوا! ڦر جو چا؟
آ انوکو نپاج ماکيءَ جو

رب پاٻوهہ ۾ ڏنو آهي
آدمي کي علاج ماکيءَ جو

تو ٻُڏا کي مثال ٻيا هوندا
ڏِس ٻَڏي جو رواج ماکيءَ جو

■

# نثري نظم
# سَمُو صُبح جو



## دليپ ڪوٺارِي

ٻِنيءَ جِي خُوشبوءِ سان واسيل
سَمُو صُبِح جو
ڪيڏو نہ سُهانو هو
چئني ڏِسائُنَ ۾
فِطرت جو فسانو هو
ساعت ساعت سان سَلهاڙيل
ڪِرتُ جو ڪارخانو هو
مُنهنجي سُندر سِنڌ ۾...!

مِٽيءَ ڇڏيندي جو مَنظر هو:❋
پوڊائو سيٽ هُو
پسارُ تان ورِي رهيو هو
ڦوڪٽ جِي ڪائِي خاصي هوا
نِڪَرُ ٽانءُ جان هُو نِري رهيو هو...!

❋ روهِيڙو ٽِپَندي:
ڪيو هو دِلُ دَرشنُ
روڊ تان مورَ هِڪُ جي مَٽڻ جو
ويون ٿي ديلُون ٻِي ڊُڪنديون پيڙيون
ساهُ جِي پَرواهہ جو
چا تہ چِرڪُ ويون چيڙيون
اَڪِ پُتلِيءَ ۾ ويو هو قيد ٿي
دِلڪش ڏيکُ سو...!

هيلاريي وَٽان ❋ هيلَ پَري
پئي ٿي ويون پاٽيارِيون
ٻانهيُنَ پاتلُ ٻَلُ هُيو
جَلُ_ پاٽر اُوجلَ هُيو
گهاٽ تي گهورُون بہ هُيون
ٽِلندڙ هُن ٽوليءَ ۾
هڪ ٻہ حُورُون بہ هُيون
هرڪو پنهنجي مؤج ۾ هو مَگنُ
شيتلَ احساسَ سان:
ڪئِي ٿي ڪِتڪِتائِي گگَنُ...!

❋ پوڄاڪر جي پير ۾
نيٽين مَهندان نظارو هو
وَسِ ساري ورِي رهيا هُئا
ڏنارَ مُنهنجي ديسُ جا
وَرِيل وڏن سِنگَنَ وارين
ڳانئِيُنَ جُون لوڏي ڪاهُون
سَرهائيءَ جِي سؤنٽن سان
ڇِڪي پَنڌُ اَڳاهون...!

گُذاري جو ❋ موڙ وَنگو لَنگِهي
❋ شادِي لارج سُواگتِ ڪري
اُن ڪان اَڳِي
جِيوَتُ پنڌ ڪيئن تہ ڇِڳي...!
پُراڻ واري پُلَ تان
رکيَ ڳاهُ پَنو پُنَنَ تي
گُذري رهيو هو هُو هارِي
ولرُ جِي واهرُ ڪندي:
حياتِي هُئي جنهن ڳارِي...!

ها پُليون جيڪي دِليون ڳنڍين ٿيون
هِنَ پارِ جي اُڪندَ کي
هُن پار جي اُڊڪي سان ميڙي
مِلڻ کي گَسُ سَندي تي گهيڙي
وِڇڙڻ جا اَمڪانَ جي
اُڪوڙين ٿيون
۽ رابطن جا جهانَ سوين
جوڙِنَ ٿيون...!

❋ ڪوسڪيءَ جي ڪَندَ ڪارخاني وَٽان
پنيِيُنَ چاپئِيُنَ ڏاڙهين وارا
ياٻِيا پُڻ تو آءُ ڏِسان
ڦتڦتين تي ويهاري بہ ڦَنگا
کي ٻڪريون کي ڇيلڙا
وجن ٽا پيا اُهي
آچر وارِي مال_ پِڙِيءَ ڏانهن
ننگ ڪپائي جي:
ناٽو آٽيندا
ڪَٽا ڪري هَٽُ:
چُلهہ تي ڪُنِيءَ چاڙهيندا...!

❋ جام نَندَي جي شهر مَنجهان
گُذرِي رهِي هُئي وين جا
چا تہ لَنو لَٽُ هُئي مُسافرَن سان
اندر جي سوڙهہ سَڪَڙُ تہ سامهين هُئي
ٻاهر جهنگلي تي بہ:
سامانَ سَمانُ ٻَدل هُئا ساهُ_ هَڙوٽا
۽ حياتيءَ هُڪُ( Hook)۾ پَڪڙي
پائِدان تي بہ لَٽَڪِيلَ هُئا پيسنجَر ايئن
جو زور جو جهاڪو جي هَٽُ ڇَڏائي
سَمجهو مُسافرايئن ويندو موڪلائي
جهڙو هُو ڌرتيءَ تي آيو ئي ناهي...!

پر تَوَڪُلِ تي تُرهو هو
۽ وقت هلندڙ ٻُرو نہ هو...!
❋ ٻَديٽن منجهان لنگهندي
ڦُٽينَ جي تيار فصل ۾
لاهيارينَ پوتيءَ ڪري ڪانپ
تي چاهُ وِچان ڪيو چُوندو
اَڪِ جي ڍَڪُ تي ڪيو
آدَر پورهئي جو
اُگهاڙ نيٽنَ جِي
جي جاڳائي اُتي ❋ واسنا
ڪيسُ ضمير پاهنجوئي
گهروڙي ڏي گهِي پُوندو..!

گولاڙچِيءَ وَٽان ٿيو گُذر هو
راتوڪي مِينهن جي ريجُ سان
ڪيٽ هرهڪ تَر هو
فصلِ اُميد ٻَرُ هو
هِيئين تي هُرڪُر هُئي
❋ زَئِي حنيف جو ذِڪرُ هو
اَڪِ جي آيي تي
ڳوڙهنَ ٺاهيو ڪڪر هو...!

تي منزل ڪَلاڇِيءَ آيو هو
ٻٽيو سفر خُوبُ سَجايو هو
اُسهڻَ جِي هِن آشا جو
دِلُ گهڙيو جو بہ بَهانو هو
ٻِنيءَ جِي خُوشبوءِ سان واسيل
سَمو صُبح جو
ڪيڏو نہ سُهانو هو
مُنهنجي سُندرِ سِنڌ ۾...!

■



Thunderbolts

# ڊپريشن، اڪيلائي ۽ انهن کان نجات واري فلم

”ٿنڊر بولٽس“ (2025)، مارول سينيميٽڪ يونيورس جي 36هين فلم آهي، جنهن جي هدايتڪاره جيڪ شريئر آهي. تازن توانن ڪردارن واري هيءَ فلم فرنچائز جي رواجي مشڪلاتن کان مختلف آهي. هن فلم جي اهم ڪهاڻي هڪ غير هيرو ٽيم جي چوڌاري ڦري ٿي، جنهن ۾ يلينا بيلووا (فلورنس پيو)، بڪي بارنس (سيباسٽين اسٽان)، ريڊ گارڊين (ڊيوڊ هاربر)، ۽ ٻيا آهن، جيڪي سي آءِ اي ڊائريڪٽر ويلنٽينا ايليگرا ڊي فونٽين (جوليا لوئس_ ڊريفس) جي خطرناڪ منصوبي ۾ ڦاسي پون ٿا. پنهنجي صدمن ڀريل ماضيءَ کي منهن ڏيڻ تي مجبور، ٽيم سينٽري (ليوس پلمن) سان وڙهي ٿي. هڪ سپر هيومن، جيڪو ذهني صحت جي مسئلن کي پڻ منهن ڏئي رهيو آهي. هڪ اهڙي داستان ۾، جيڪو جذباتي اونهائيءَ ٻين ڳالهين تي ترجيح ڏئي ٿو. يلينا جو ڪردار ادا ڪندڙ جي خام، ڪمزور ۽ طنزيه سوچ فلم کي مضبوطي ڏئي ٿي. سندس اداڪاريءَ کي آسڪر جي لائق سمجهيو پيو وڃي.





هيءَ فلم ڊپريشن، اڪيلائي ۽ انهن کان نجات جي موضوعن کي دليريءَ سان پيش ڪري ٿي. اي 24 کان متاثر آزاد جماليات کي مارول سينيميٽڪ يونيورس جي پاڙن سان ملائي ٿي، جيڪا اينڊريو ڊروز پالرمو جي کهرن بصرين ۽ سون لڪس جي لطيف موسيقي تي مشتمل آهي. ناقد ان جي عملي اسٽنٽس، مهم جوئي، ۽ دل کي ڇهندڙ ٽيم جي ڪيمسٽري جي ساراهه ڪن ٿا. جيتوڻيڪ ڪِن جو رايو آهي ته رفتار جا مسئلا ۽ زبردستي مارول سينيميٽڪ يونيورس جا رابطا، جهڙوڪ ايونجرز ٽاور جا حوالا، ان جي خودمختيار انداز کي متاثر ڪن ٿا. 88 سيڪڙو روٽن ٽماٽرز اسڪور سان، ٿنڊر بولٽس کي اينڊگيم کان پوءِ مارول جي بهترين فلمن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو، جيڪا فيز 5 کي هڪ سادي، انساني ڪهاڻيءَ سان جيئاري ٿي. ان جو پوسٽ_ ڪريڊٽ منظر، جنهن ۾ ٽيم کي نئين ايونجرز جي طور تي بيهر برانڊ ڪيو ويو آهي، مارول سينيميٽڪ يونيورس جي مستقبل جي بابن لاءِ هڪ دلچسپ مرحلو طئي ڪري ٿو. ■

## نالي واري برطانوي اداڪاره فلورنس پيو





نالي واري اداڪاره فلورنس پيو، 3 جنوري 1996ع تي آڪسفرڊ، انگلينڊ ۾ ڄائي. هيءَ ورسٽائل برطانوي اداڪاره آهي، جيڪا پنهنجي جذباتي گهرائي ۽ اسڪرين تي مضبوط موجودگيءَ لاءِ مشهور آهي. هڪ تخليقي خاندان ۾ پرورش پاتل، هن: دي فالنگ (2014) فلم ۾ ڪرڻ سان پنهنجي فني سفر جي شروعات ڪئي، پر ليڊي ميڪبٿ (2016) ۾ هڪ غمگين ڏيءَ جي ڪردار ڪيس وڏيڪ شهرت ڏياري. پيو جو ڪيريئر مڊسار (2019) ۾ سٽايل انسان جي ڪردار ۽ لِٽل وومين (2019) ۾ ايمي مارچ جي طور آسڪر نامزدگيءَ سان عروج تي پهتو. مارويل سينيميٽڪ يونيورس ۾ بليڪ وِڊو (2021) ۾ يلينا بيلووا جي طور تي شامل ٿي، جتي هن ماڻهن کي منڊي موهي وڌو. ۽ ٿنڊر بولٽس (2025) ۾ هن ڪردار کي ورجايو، جتي سندس اسٽنٽ ورڪ ۽ جذباتي رينج کيس فرنچائز جي اڳواڻ طور مضبوط ڪيو. جرئتمند چونڊن لاءِ مشهور، جهڙوڪ ٿنڊر بولٽس ۾ اپ ڏاريندڙ عمارت مان ٽپو ڏيڻ، پيو آزاد فلمن جي شدت کي بلاڪ بسٽر دلڪشيءَ سان ملائي ٿي، ۽ هڪ نمايان صلاحيت جي طور تي، فلمي دنيا ۾ پنهنجي جاءِ پڪي ڪري ٿي. ■